# جيوَن پريورتڪ آڌياتمڪ پردرشني




اوم شانتي ڀوَن، مائونٽ آبوُ

## پرجاپتا برهماڪماري ايشوري وشوَ وديالیه

## پانڊَو ڀوَن، مائونٽ آبوُ (راجسٿان)

| فهرست | پيج نمبر |
|---|---|
| ايشوري وشوَ وديالیہ جي شروعات. | 04 |
| وشوَ وديالیہ جون شيوائون. | 09 |
| وشوَ وديالیہ جي ڪاروبار تي هڪ نظر. | 17 |
| ست مارگ ڏيڪارڻ واري نمائش. | 19 |
| آتما ڇا آهي ۽ من ڇا آهي؟ | 20 |
| ٽي لوڪ ڪهڙا آهن؟ پرماتما شِو جو ڌام ڪهڙو آهي؟ | 23 |
| هڪ عجيب ڳالهه. | 24 |
| سيني آتمائن جو پرم پتا هڪئي پرماتما آهي ۽ اُهو نراڪار آهي. | 27 |
| پرم پتا پرماتما ۽ اُنهي جا نرالا ايشوري ڪرتويہ. | 28 |
| شِو پرماتما جو دِويہ اَوترڻ. | 31 |
| شِو ۽ شنڪر ۾ فرق. | 32 |
| هڪ وڏي ڀُل. | 35 |
| سرشٽي روپي عجيب اُبتو وڻ. | 36 |
| پرماتما سان ملڻ لاءِ گُپت پُرشوتم سنگم يُگ. | 39 |
| اِنسان جي 84 جنمن جي دلچسپ ڪهاڻي. | 40 |
| منش آتما 84 لک جوُٽيون نٿي وٺي. | 43 |
| سرشٽي ناٽڪ جو رچڻ وارو ۽ هدايتڪار (Director) ڪير آهي؟ | 44 |
| ڪلهيگ هينئر پڇو ڪونهي پر ٻُڍو ٿي ويو آهي. هن جو وناش نزديڪ آهي ۽ جلدئي ستيگ اَچڻ وارو آهي. | 47 |
| راوڻ ڪي 10 مٿا هٿا ڇا؟ راوڻ ڇا جي نشاني آهي؟ | 48 |
| منش جيون جو مقصد ڪهڙو آهي؟ | 51 |
| ٿوريئي وقت ۾ سري ڪرشن وري اَچي رهيو آهي! | 52 |
| سروَ شاستر شرومڻي شريمد ڀڳوت گيتا جو گيان داتا ڪير آهي؟ | 55 |
| ڀڳوان گيتا گيان هِنسڪ لڙائي جي لاءِ ڪونہ ڏنو هو. | 56 |
| ڪمل جي گُل جهڙي جيون ڪيئن بڻجي؟ | 59 |
| راج يوگ جو آڌار ۽ طريقو. | 60 |
| راج يوگ جا نيم يا ٿنيا. | 63 |
| راج يوگ سان اَٺن شڪتين جي پراپتي. | 64 |
| راج يوگ جي ياترا. | 67 |
| 4000 شيوا ڪيندرن مان ٿورن جون اَئڊريسون. | 68 |

# اوم شانتي



پريه آتمائون، پرجاپتا برهماڪماري ايشوري وشوَ ودياليه جا 60 سال 1996 ۾ پورا ٿيندا. اِنهي ڪري 1996-97 سڄو سال هن سنستا جي هِيرڪ جُبلي ( Diamond Jubilee ) سڄي دنيا ۾ خوشي ۽ حلاس سان جنوري 1996 کان فيبروري 1997 تائين راج يوگ شِور، سيني ورگن جون اَلگ اَلگ ڪانفرنسون، راج يوگ جا ميلا ۽ پردرشنيون، گهوشٽيون وغيره وغيره اَسان جي 4000 سينٽرن دواران مناڻ جو پروگرام بڻايو ويو آهي. ننڍين ننڍين ڳوٺن، آديواسين جي شهرن ۾، غريبن ۽ جهڳي جهوپري وارين ايراضين ۾ طرح طرح جا پروگرام اُنهن سيني قسمن جي منشن جي ساماجڪ، چاريترڪ، راڄنيتڪ وغيره وغيره اُنتيءَ جي واسطي رکيا ويندا.


جڏهن هن سنستا جا 50 سال 1986 ۾ پورا ٿيا هئا تڏهن به آبوُ ۾ خاص ۽ سڄي دنيا ۾ عام "گولڊن جُبليءَ" جي موقعيَ تي سڄو سال اَنيڪ قسمن جي شيوائن جا پروگرام رکيا ويا هئا. اُنهي وقت آبوُ ۾ ٻين ڪانفرنسن کانسواءِ خاص اَنترراشٽريه سنڌي روحاني سميلن به ڪوٺايو ويو هو جنهن ۾ ڀارت مان خاص اَسانجي مٺي پراڻا رام پنجواڻي ۽ ٻين به مکيه سنڌي ڀائرن ڀينرن ۽ هانگ ڪانگ مان پراڻا ڪي.سيتل ۽ ٻين ملڪن مان به ڪُل اَنداز 400 ڀائرن ڀينرن اَسان وٽ اَچي پنهنجو اَباڻو پرماتما جو گهر سمجهي تمام خوشين سان پنهنجي ئي سنڌي نموني سان اُهو موقعو ملهايو هو جو سيني جي دلين ۾ هڪ تمام وڻندڙ يادگار رهيو.

اَسانجي شُڀ آشا آهي تہ اَهڙا خوشين مناڻ جا موقعا وقت به وقت ٿيندا رهن.

پيارن سان ايشوري شيوا ۾

برهماڪماري پرڪاش مڻي.

برهماڪماري پرڪاش مڻي ( مکيه پرشاسڪا )



پتا سري پرجاپتا برهما

# ايشوري وشوَ وديالیہ جي شروعات

سنہ 1937 ۾ حيدراباد سِنڌ ۾ هڪ اَهڙي هلچل شروع ٿي جنهن پهريائين ته سِنڌ ۾ ئي منشن جي جيون ۾ وڏو ڦيرو آڻڻ شروع ڪيو ۽ وڏي اُٿل پاٿل مچائي ڇڏي.

دنيا ته جيئن صدين کان هلندي آئي آهي تيئن ئي هلڻ چاهي ٿي پر جڏهن ڪوبہ سُڌارو آڻڻ جي هلچل شروع ٿيندي آهي ته ضرور اُنهي هلچل جي اَڳوان ۽ ٻين پُراڻن خيالاتن تي هلڻ وارن اَڳوانن جي خيالات ۾ متڀيد پيدا ٿيندو آهي. ڀارت ۾ تازو مثال مهاتما گانڌي جي هلچل جو ڪنهن کان ڳُجهو ڪونهي. ڪيترن ماڻهن پنهنجي جان جي بہ بازِي لڳائي ۽ ڪيترن سالن تاءِ اُها هلچل هلي.

پر 1937 ۾ جيڪا هلچل سِنڌ ۾ شروع ٿي اُنهي ۾ مکيہ ڳالھ هئي اِنسان ذات جي چريتر سُڌارڻ جي. مهاتما گانڌيءَ خود بہ سوچو هو ته ڀارت آزاد ٿيندو ته ڀارتواسين جو چريتر بہ سُڌرندو. پر اَڄ حالت ڪنهن کان بہ ڳُجهي ڪونهي. بلڪ هن وقت ته سڄي دنيا ۾ ڀرشٽاچار، اَشانتي، ماراماري، فساد، لڙائي، وغيره ايترو ته وڌي ويو آهي جو سڄي دنيا اِهو سمجهي رهي آهي. ته شايد ڀڳوان خود ئي هن زمين تي وري اَوتار وٺي اُنهي جو اُڌار ڪري تڏهن دنيا ۾ وري سک ۽ شانتي اِستاپن ٿي سگهي. نہ ته ته ٿيو ڀلو.

سڄ ڀچ اِهوئي سميہ جو نظارو ڏسڻ ۾ اَچي پيو. پر ڀڳوان اَچي ته ڇا اَچي ڪري، ڪٿي اَچي، ڪهڙي طرح اَنيڪ اَڌرم وناش ۽ هڪ آدي سناتن ست ڌرم وري اِستاپن ڪري؟ اِنهن ڳالهين کي چڱيءَ طرح سمجهائڻ لاءِ هن ڪتاب لکڻ جي ضرورت پيئي.

ڀڳوان جي هن سرشٽي تي اَچڻ جا مکيہ ورتانت جيڪي گيتا ۾ ڏيکاريل آهن اُنهن مان بلڪل صاف ڏسڻ ۾ اَچي ٿو ته ڀڳوان جيڪي سکيائون سيني اِنسانن جي لاءِ ڏنيون آهن اُهي صرف هڪ اَرجن جي واسطي ڪونہ هيون. هرهڪ منش جو چريتر ڪيئن سُڌري، منش ڪيئن ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موہ، اَهنڪار وغيره تي جيت پائي، اِنهي جي لاءِ راج يوگ ئي هڪ اُتم ۽ سرل سهج طريقو آهي جو ننڍي، وڏي، اِستري، پُرش، گرهستي، وغيره جي واسطي ضروري آهي. اِهي سڀ سِکيائون هن وقت سڄي دنيا ۾ منشن کي ڏيڻ گهرجن.

## پر سکيائون ڏئي ڪير؟

هيءَ ڪا ننڍيري، ساڌارڻ ڳالھ ته ڪونهي. سڄي دنيا کي هيڏي نرڪ، دوزخ، ڪلهيگ مان بدلي ڪري سورگ، بهشت، ستيگ اِستاپن ڪرڻ، اِهو ڪاريہ ڀڳوان کانسواءِ ڪير بہ ڪٿو ڪري سگهي.

اِها ڳالهه مڪير سمجهڻ لائق بہ آهي تہ ڀڳوان يا پرماتما جيڪو نراڪار آهي، جو جنم مرڻ جي چڪر ۾ نٿو اَچي ۽ اِنهي ڪري اُنهي جو ڪوبہ ماتا پتا ٿي نٿو سگهي، بلڪ جيڪو سڀني آتمائن جو پرم پتا، پرم سکيڪ ۽ ستگرو آهي، اُهو هن سرشٽي تي ڪيئن اَچي اَسان کي اِهو گيان سيکاري ۽ اِنسانن جي بُڌي ۾ ڦيرو آڻي؟

رنگيءَ جا رنگ نرالا آهن. ڀڳوان جا ڪم آهن بہ سهج ۽ سرل پر آهن تمام گُپت. ڪنهن تي سمجهو ۽ ڪنهن کي خبر هئي تہ حيدرآباد سِنڌ جهڙي ساڌارڻ ننڍي شهر جي هڪ گهٽيءَ جي هڪ ننڍي گهر ۾ دادا ليکراج جهڙي ساڌارڻ منش جي سرير ۾ خود نراڪار ڀڳوان اوچتو ئي اوچتو اَچي اَهڙي رنگت رچيندو جو اُنهي جا پاريسري، چاڻ سُڃاڻپ وارا، وغيره انهي جي گهر ۾ اَچي ايشوري ڪرامت ڏسي واه واه ڪندا ۽ پنهنجي جيون سڦلي ڪندا !!!

شروعات ۾ تہ هنن نيُن ڳالهين کي ڪير سمجهي ڪونہ سگهيا. جادو، سُرمو، ڳاڙهي بتي، وغيره سمجهي اُنهي جي برخلاف آواز اُٿارڻ لڳا. اَصل ۾ تہ اُنهي وقت حيدرآباد سنڌ ۾ خاص ڪري ماتائن ۽ ڪنيائن جي جيون ۾ ايتري دک ۽ اَشانتي ڦهليل هئي جو اُنهن جي دل جي پُڪار هئي تہ هي ڀڳوان، هن وقت ڪنهن بہ حالت ۾ اَچي اَسان جو هٺڙن ڪنسن، جراسنڌين ۽ راوڻن جي چنبي مان ڇُٽڪارو ڪر. سِنڌ جا ناميگرامي واپاري شاهوڪار ماڻهو حيدرآباد ۾ شادي ڪري خود هليا ويندا هئا ٻاهرين فارين ملڪن ۾ پئسن ڪمائڻ لاءِ. اُتي وڃي 3-4 سال رهندا هئا. اَهڙين حالتن ۾ اُنهن جي حيدرآباد ۾ رهندڙ زالن ٻارن جا ڪهڙا حال ٿيندا هئا اِهو تہ هرهڪ سمجهي سگهي ٿو. اَهڙي وقت تي خود ڀڳوان ئي اَچي اُنهن جي رکيا ڪئي ۽ اُنهن کي پوِترتا ۾ رهڻ جا قائدا قانون سيکاريا ۽ هنن ۾ ايشوري شڪتي ۽ نمرتا ڀائي، پريم ۽ شيوا جا گڻ ڀريا جو اُنهن پنهنجن متر سنبنڌين سان ميناج جو وهنوار ڪري انهن کان پوِتر رهڻ جي چوُٽي ورتي. پر ڪن ماتائن ڪنيائن جي مِتن مائٽن جو رُخ ڪُجهہ سخت هئڻ ڪري ڪُجهہ سمير اُنهن جي ڪشمڪش هلي.

1938ع ۾ سچي سنستا ڪراچي ۾ ويئي جِتي هِنن 375 ماتائن ۽ ڪنيائن کي راج يوگ جي سکيا ملي ۽ هنن ۾ ايشوري گڻ ڀريا ويا جنهنڪري هنن جي جيون ديوتائن جهڙي نروڪاري، نراهنڪاري ۽ شانتي پريہ بڻجي ويئي.

اِهو سڄو ڪاريہ پرماتما خود ئي اَچي ڪيو. پر جيئن اَڳي بہ سمجهايو ويو آهي تہ پرماتما سدا نراڪار هئڻ ڪري اُنهي کي ڪنهن منش جي تن جو آڌار وٺي اِهو ڪم ڪرڻو هو.


ڪافي سمير کان وٺي، جڏهن کِ دادا ليکراج پنهنجي هيري جواهرات جي ڌنڌي ۾ ڪلڪتي ۾ پنهنجي پريوار سان گڏ رهندو هو ۽ وڏن وڏن راجائن رجوارن سان سندس دوستاڻو ناتو هو،

تڏهن ڪان وٺي دادا جو لاڙو پنهنجي آڌياتمڪ اُنتي ڏانهن به رهندو هو. هو سري نارائڻ جو پڪو ڀڳت هو. دادا جو لاڙو دان پُڃ جي پاسي به ڪافي هو. هن ۾ اُدارتا، ڪلياڻ جي ڀاونا ۽ راجائي سنسڪار هئا ۽ سماج جي وڏن، وچولن توڙي ننڍن طبقن سان سٺو وهنوار هوس. دادا جو ارادو اِهوئي هو ته ڌنڌي ۾ رهندي به اُپرام وِرتي رهي ۽ پرماتما سان مڪاميلو ڪري پنهنجو جنم سڦارٿو ڪريان. اِنهي ڪري ڪيترن ئي گُرن ڪان به سکيا وٺندو رهيو. پر آخر 60 سالن جي عمر ۾ دادا جي جيون ۾ اَچانڪ ڦيرو آيو ۽ هن کي ڪيترائي ايشوري ساڪياتڪار ٿيڻ لڳا. هن کي پرماتما ڌيان جي اَوستا ۾ اِهو ڏيکاريو ته هن دنيا جي حالت هينئر تمام خراب ٿي رهي آهي، ۽ جلد اَهڙو سميه اَچڻو آهي جو دنيا جي مٿان اَنيڪ قدرتي آپدائون اينديون، ٻوڏون، طوفان، ڀوڪمپ، وغيره تمام زبردست ٿيندا، دنيا جي ملڪن جي وچ ۾ وڏيون لڙائيون، جنهن ڪٿي گهرو لڙائيون، فساد، ماراماريون ٿينديون، بم، وغيره ڦٽندا ۽ اَهڙي طرح هن دنيا جو تمام گهڻي ڀاڱي وناش ٿيندو؛ ۽ ٻئي پاسي اِنهي جي بدران هڪ نئين سک، شانتي، پوِترتا واري دنيا اِستاپن ٿيندي جنهن ديوي ديوتائن جو راڄ رهندو.

دادا جي تن ۾ پرماتما خود پرويش ڪري هن کي حڪم ڏنو ته هاڻي سچي سرشٽي تي اَهڙو سک شانتي پوِترتا جو راڄ اِستاپن ڪرڻ ۽ هن ڪلهيگ جي ڀرشٽاچاري، تموپرڌان، ڀُراڻي دکي ۽ اَشانت دنيا جو خاتمو ڪرائڻ جي نِمت مان پرماتما تنهنجي تن ۾ اَچي چُڪو آهيان. اِهو ڪم مونکي تنهنجي سرير ۾ پرويش ڪري پورو ڪرائڻو آهي، ڇاڪاڻ ته مان شِو پرماتما سدا نراڪار آهيان. مان شِو پرماتما جنم مرڻ جي چڪر ۾ نٿو اَچان. اِنهي ڪري هاڻي تون پنهنجو هيءُ ڌنڌو ڌوري ڇڏ. ڇو ته هيءُ تمام وڏو ڪاريه آهي. هن وقت اَصل وارو ست ڀڳي ديوي ديوتائن جو ست ڌرم دنيا مان گهڻي وقت ڪان وٺي غائب ٿي ويو آهي. اُنهي ڌرم کي وري دنيا ۾ اِستاپن ڪرڻ لاءِ دنيا جي منشن کي جيون ۾ سمپورڻ پوِترتا ڌارڻ ڪري وري ديوي ديوتائن جهڙو بڻجڻ جي سکيا ڏيڻي آهي. پوِتر جيون بڻائڻ وارن منشن کي "برهمڻ" ڪوٺيو ويندو آهي. اَهڙن سچن برهمڻن جو نئون ڪُل تيار ڪرڻ جو مهان ڪاريه مونکي ڪرڻو آهي. پر اِهو ڪاريه تنهنجي تن ۾ پرويش ڪري ئي سمپن ڪرڻو آهي. هاڻي اِنهي ڪري پوِتر برهمڻ ڪُل کي پئدا ڪرڻ لاءِ تنهنجي سرير جو آڌار وٺڻ ڪري تنهنجو نالو "پرجاپتا برهما" رکجي ٿو. برهمڻ ڪُل جي پئدا ڪرڻ واري کي "برهما" چئجي ٿو.

دادا ليکراج ته هي ڳالهيون ٻُڌي ۽ ڏسي واڱڙو ٿي ويو. ڪُجهه سميه تاءِ سوچيندو رهيو. آخر ڀڳوان ۾ اَٽوٽ وشواس هئڻ ڪري ٻيون سڀ ڳالهيون، دنياداري، ناماچار، گهر پريوار ڌنڌو ڌوري، دنيوي لوڪ لاڄ، ڪُل جي مريادا، مان شان، شاهوڪاري وغيره هن کي تُڇ لڳيون. هن سوچو ته منهنجو سرير ڀڳوان جي ڪاريه ۾ لڳي ۽ ڀڳوان خود هن سرير ۾ پرويش ڪري انهي

سان هڻڙو ڏُپ ڪاريہ ڪري، تہ مون جھڙو ڀاڳيشالي ڪير ٿيندو! تڏھن آخر هيڏي وڏي ڏنڌي ڪي ڇڏڻ جو ساهس ڏري سڄو ڏنڌو پنھنجي ڀائيوار کي سونپي پنھنجو حصو وٺي ڪلڪتي مان روانو ٿي اَچي پنھنجي ماڳ حيدرآباد ۾ پھتو ۽ پنھنجو ڌن مال ملڪيت اُنھن ماتائن ۽ ڀينرن جي چرڻن ۾ ڀيٽ ڪيائين جن اِهو سُڃاڻي ورتو تہ دادا هينئر اُهو دادا ڪونھي پر اُنھي ۾ هاڻي پرماتما جي پرويشتا ٿي چُڪي آهي. هن جي چال چلن، رنگ ڍنگ، درشٽي ورتي هڪ نڪ سان ئي بدليل ڏسڻ ۾ آئي. هاڻي اِهو ڏسڻ ۾ اَچڻ لڳو تہ هن جي اَکين سان خود پرماتما ئي درشٽي ڏيئي رهيو آهي. هو سيني ننين وڏن کي آتما جي نظر سان پنھنجا ٻالڪ ڏسي رهيو آهي. سڄي دنيا جي منشن کي بنا ڪنھن ڀيد ڀاءَ جي پنھنجو بيحد پريوار سمجھي بيحد پيار جي درشٽي سان خود پالنا ڪري رهيو آهي.



ماتيشوري جگدمبا سرسوتي


هن جي مک ڪمل دواران گيان ۽ يوگ جي سکيا وٺڻ وارن برهما ڪمارن ۽ برهماڪمارين ۾ مکيہ هئي ٻال برهمچارڻي "برهماڪماري اوم راڌي" جيڪا پنھنجي من موهڪ گيان ويٽا ۽ شڪتيشالي يوگ دواران سيني کي پيار جي پالنا ڏيڻ لاءِ نمت بڻي. اِنھي ڪري هن تي "ماتيشوري"، "يگيہ ماتا" يا "جگدمبا سرسوتي" نالو پيو. اَهڙي طرح 14 سالن تائين ڪراچي ۾ "گيان يگيہ" جي پرورش هلي.

اِنھي عرصي ۾ پرماتما خود برهما جي تن دواران سيني کي ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موه ۽ اَهنڪار وغيره جھڙن ڪٽر وڪارن جي چنبي مان ڇڏائڻ جي لاءِ هر روز ايشوري گيان ڏيندو رهيو ۽ اُنھن جي ٻُڌي دنيا جي ٻاهرئين ڏيک ويک، فئشن، سئنيما ناٽڪ وغيره جي شوَق شڪار کان ڦيرائي سادگي، نراڏار جيون، پڙهڻ لکڻ، ايشوري نيمن، فرشتن جھڙي هلڪي ۽ بي فِڪر، سدا خوشي ۽ اَتي اِندريہ سک ۽ بيحد آنند جي چال چلن جي طرف ڪينچائي. گڏوگڏ سرير جي پوري طرح سنڀال ڪرڻ ۽ ڪڏهن ڪڏهن ٻاهر کلي هوا ۾، ساگر جي ڪناري تي سئر ڪرڻ جا بہ پروگرام هلندا رهيا جنھن ڪارڻ ٻاهرئين وڪاري، ڪلھيگي دنيا جي پاسي کينچ بند ٿي ويئي. گڏوگڏ جنھن نئين ست يُگي، نروڪاري، سک ۽ شانتي واري سمپورڻ پوِتر دنيا جو پايو پرماتما خود وجھڻ آيو هو اُنھي جا بہ درشيہ ديدار اَڳواٽ ئي دويہ درشٽي يعني

ڏيان ديدار جي دوران سيني کي پرماتما ڪرائيندو رهيو. اُنهي نئين دنيا ۾ ديوي ديوتائن جي جيون ڪهڙي ٿيندي آهي، اُنهن جو ڳالهائڻ، مشڪڻ، هلڻ چلڻ، کائڻ پيئڻ، کيل پال ڪرڻ ڪهڙي قسم جو ٿيندو آهي، اُهي نظارا به ڏيان ديدار ۾ وچي ڏسندا رهيا ۽ اُنهي تي عمل ڪرڻ جي پرئڪٽس هلندي رهي.

1950 ۾ ڀارت مان نِمنترڻ ملڻ ڪري سڄي سنسٿا ڪراچي(پاڪستان) مان ڀارت ۾ مائونٽ آبو(راجسٿان) ۾ آئي. سڄي دنيا کي پوِترتا، سک ۽ شانتي سمپن سورڳ يا وئڪنٺ بڻائڻ جو جيڪو آدرش سيني پنهنجي جيون ۾ رکيو هو اُهو پوري ڪرڻ لاءِ هينئر سيني کي موقعو مليو. ڦهريائين ته وڏن وڏن شهرن جهڙوڪ دهلي، بمبئي، بئنگلور، لکنو، ڪانپور وغيره مان سِنڌ مان آيل مٽن مائٽن وغيره وٽان نِمنترڻ ملڻ تي ماتائون ڀينرون اُنهن کي هيءُ سک ۽ شانتي جي پراپتي جو رستو سمجهائڻ لاءِ اُنهن وٽ ويئون. پاڪستان هئڻ سبب اَسانجا جيڪي مِٽ مائٽ اُتان نڪري ڀارت ۾ آيا هئا اُنهن کي ڪيتريون تڪليفون ڏسڻيون پيئون، اُنهي ڪان ته سڀ واقف آهن. اُنهن کي جڏهن هن گيان ۽ يوگ جي چڻڪ لڳي ته هنن جي جيون به بدلجڻ لڳي. اُنهن وري ٻين قومن جي ماڻهن کي به هن گيان ۽ يوگ سکڻ جو رستو ڏيکاريو. اهڙي طرح ڀارت ۾ آهستي آهستي هيءَ ايشوري سکيا ڦهلجندي ويئي ۽ برهما ڪماري ايشوري وشوَ وديالیہ جا سينٽر وڌندا ويا. سڄي دنيا ۾ ته وشوَ يُڌ نمبر 2 جو اَثر گهڻو ئي ڦهليل هو. دنيا ۾ دک ۽ اَشانتي ڏينهون ڀوءِ وڌندي ويئي هئي ۽ ماڻهن جي دلين ۾ اِها ڀاونا پئدا ٿي چُڪي هئي ته هاڻي ڀڳوان جي هن دنيا جي اُڌار لاءِ اَچڻ جو سميہ اَچي چُڪو آهي. اُنهي ڪري برهماڪمارين جي دوران اِهو سنديش ملڻ تي خوشي پئدا ٿي ته شِو ڀڳوان هن دنيا ۾ ڀارت ۾ پرجاپتابرهما جي ساڌارڻ تن ۾ اَچي چُڪو آهي ۽ هيءُ گيان ۽ يوگ سيکاري هن پُراڻي وڪاري ڪلهيگي دنيا کي بدلي ڪري نئين نروڪاري ستيگي سک شانتي واري ديوي ديوتائن جي دنيا اِستاپن ڪري رهيو آهي.

سنہ 1969 ۾ پتا سري جي سرير ڇڏڻ کانپوءِ پرماتما جو هيءُ گيان ۽ يوگ ٻاهرين ديسن ۾ به ڦهلجي ويو آهي جنهن جو سڄو ورنانت هن پُستڪ ۾ ڏنل آهي.



# پرجاپتا برهماڪماريز ايشوري وشوَ وديالیہ جون شبوائون

1937 : برپا ٿيل حئدراباد (سِنڌ) ۾.

1950-1938 : ڪراچي ۾ سچي سنستا ويئي جتي 375 ڀائر ڀينرون ماتائون ٻالڪ ڪنا رهڻ لڳا.

: راج يوگ ۽ ايشوري گيان جي ذريعي سيني وڪارن تي جيت پائڻ ۽ وڪاري سنسڪارن کي ڀسم ڪري پاڻ ۾ ديوتائي سنسڪار ڀرڻ جو خاص اَڀياس ۽ پاڻ ۾ ايشوري گڻ ۽ شڪتي ڌارڻ ڪرڻ جي سکيا ملندي رهي.

1950 : ڀارت مان نمنترڻ ملڻ تي سچي سنستا مائونٽ آبوُ ۾ آئي.

1952 : شانتي جي اِڇڪ آتمائن جي نمنترڻ تي دهلي، ڪانپور، لکنو، بمبئي، اَمرتسر وغيره ۾ شيوا ڪيندر کليا.

1955-1954 : جپان مان "وشوَ ڌرم سميلن" جو نمنترڻ مليو. 3 ميمبرن جي ڊيليگيشن ويئي. موٽندي هانگ ڪانگ، سينگاپور، اَنڊونيشيا، مليشيا ۾ بہ نمنترڻ ملڻ ڪري اُتي بہ آڌياتمڪ شيوا ڪئي ويئي.

1958 : مائونٽ آبوُ ۾ "پاندَو ڀون" اَنترراشٽریہ مکیہ ڪيندر جي اِستاپنا.

1969 : 18 جنوري تي پتا سري پرجاپتا برهما ناسونت سرير ڇڏيو.

: برهماڪماري دادي پرڪاش مڻي مکيہ پرشاسڪا مقرر ڪئي ويئي.

: برهماڪماري ديدي من موهني سهايڪ مکيہ پرشاسڪا مقرر ڪئي ويئي.

1972 : 6 ڀائرن ڀينرن جي ڊيليگيشن راج يوگ دواران دنيا ۾ شانتيءَ جي اِستاپنا ڪيئن ٿي ٿئي، اِهو سمجهائڻ لاءِ نمنترڻ ملڻ تي دنيا جي سئر تي نڪتي.

: مائونٽ آبوُ ۾ اَنترراشٽریہ يوگ جي ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي.

1972-1964 : ڀارت ۾ 100 راج يوگ جون نمائشون لڳايون ويئون. 25 ڪانفرنسون ڪوٺايون ويئون. هڪ ٻئي پنيان ڪيترائي گيان ۽ يوگ جا ميوزيم کوليا ويا.

1973 : فارين ۾ پهريون سينٽر لنڊن ۾ کليو.

1974 : ڀارت ۾ گهڻن ئي هنڌ وڏا وڏا راج يوگ جا آڌياتمڪ چٽرن جا ميلا پبلڪ لاءِ فري لڳايا ويا.

: هانگ ڪانگ، زيمبيا، وغيره ۾ سينٽر کُليا.

1976 : بمبئي ۾ ”منش کي ديوتا بڻائڻ“ وشيه تي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي.

: مائونٽ آبوءَ ۾ ”راج يوگ ڀون“ اَڏايو ويو، جتي يوگ شِور ۾ اَنيڪ نر ناريون لاڀ وٺڻ لاءِ اَچڻ لڳا.

: راج يوگ جي ڊاڪيومينٽري فلم بڻائي وئي.

1977 : هيڊ برهما ڪماري دادي پرڪاش مڻي 2 مهنن لاءِ دنيا جي سئر تي ڪيترين ئي ڪانفرنس ۾ ڀهرو وٺڻ لاءِ وئي.

1978 : اَميريڪا ۾ نيويارڪ ۾ سينٽر کليو.

: دهلي ۾ وگيان ڀون ۾ ”منش جو آئيندو“ وشيه تي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي.

1979 : ”منش جو آئيندو“ ڪانفرنس ڀارت ۾ بمبئي ۾ ۽ فارين جي 15 ديسن ۾ ڪوٺائي وئي.

1982-1980 : نئروبي ۾ ”شانتي جي پيڙه“ وشيه تي ڪانفرنس ۾ دادي پرڪاش مڻي ڀهرو وٺڻ وئي.

: ديدي من موهني دنيا جي سئر تي ڪانفرنسون ڪرڻ وئي.

: دهلي، ڪلڪتي وغيره ۾ وڏا وڏا شانتي جا ميلا لڳايا ويا.

1980 : سنيڪت راشٽر سنگهه (UNO) ۾ غير سرڪاري سنستا (NGO) جي روپ ۾ مانيتا ملي ۽ نيويارڪ ۾ UNO جي آفيس ۾ اَسان جي شاخ کلي.

1983 : مائونٽ آبوءَ ۾ اوم شانتي ڀون تيار ٿيو. اُنهي ۾ بنا ٿنڀي وارو وشوَ شانتي هال 3000 ڪرسين جي پرٻنڌ سان تيار ٿيو. اُنهي ۾ 16 ٻولين ۾ هڪ ئي وقت ڀاشڻ جو ترجمو ٿي سگهي ٿو.

: پهريون وشوَ شانتي سميلن (Universal Peace Conference) آبوءَ ۾ ڪوٺايو ويو. ڀارت جي اَڳئين اُپ راشٽرپتي ڀراتا بي.ڊي.جَتي اُدگهاٽن ڪيو. مکيه مهمان هئا : ڊاڪٽر رابرٽ مُلر، UNO جو اِسسٽنٽ

سيڪريٽري جنرل ، منسٽر ايس.بي. چوهاڻ، جسٽس وي.آر.ڪرشنا آير ( رٽائرڊ جج سپريم ڪورٽ )، نگيندر پرساد ريجل ( نيپال جو اَڳيون وڏو وزير )، ڪينيا جو هيلٿ منسٽر، زمبابوي جو ڊپٽي منسٽر، ڪاسٽاريڪا( اَميريڪا ) جي ”شانتي“ يونيورسٽي جو پريزيڊنٽ، گيانا جو هاءِ ڪمشنر، هماچل پرديش جو اِسپيڪر، سئنفرئنسسڪو جي سائنس اِنسٽيٽيوٽ جو پريزيڊنٽ، وغيره 3000 ڊيليگيٽ آيل هئا.

: هن سنسٿا کي سنيڪت راشٽر سنگهه جي آرٿڪ ۽ سماجڪ وڀاڳ (ECOSOC) ۾ ”صلاحڪار (Consultative Status) جو درجو“ مليو.

: دادي جانڪي لنڊن ۾ فارين جي سيوا جي لاءِ مقرر ڪئي ويئي.

: لنڊن ۾ ڪانفرنس ”شانتي جي ڪنهن کي ضرورت آهي“ دادي جانڪيءَ ڪوٺائي.

: B.Ks جا 6-7 گروپ دنيا جي جدا جدا ڀاڱن ۾ سيوا جي لاءِ ويا.

: سنيڪت راشٽر سنگهه مان مليل نمنترڻ تي دادي پرڪاش مڻي ”هٿيارن تي بندش“ ڪانفرنس ۾ ڀرو وٺڻ ويئي ۽ سيڪريٽري جنرل سان گڏي.

1984 : ٻيون وشو شانتي سميلن (IInd Universal Peace Conference) آبوءَ ۾ اوم شانتي ڀون ۾ ٿيو. اُنهي جو اُدگهاٽن هڪ ڏينهن اَڳ ڀارت جي راشٽرپتي گياني زئل سنگهه وگيان ڀون، دهلي ۾ ڪيو. اُنهي ۾ ڊاڪٽر جيمس جونا (UNO جو اِسسٽنٽ سيڪريٽري جنرل)، مئڊم سادات ( مصر جي اَڳئين پريزيڊنٽ جي ڌرمپتني )، وغيره آيا. ٻئي ڏينهن آبوءَ ۾ گجرات جي گورنر آر.ڪي.ترويدي اُدگهاٽن ڪيو. دلائي لاما به اُنهي ۾ آيو هو. هن سميلن ۾ به 3000 ڊيليگيٽ آيل هئا.

: دادي جانڪي پوپ سان روم ۾ Vatican ۾ ملاقات ڪئي.

: دادي پرڪاش مڻي ڏيڍ مهني لاءِ اَميريڪا ۽ يورپ وغيره جي سئر تي ويئي، جتي ڪئي پريس ڪانفرنسون، وڏيون وڏيون ڪانفرنسون ڪيائين. اَميريڪا ۾ Los Angele جي ميئر ۽ برازيل ۾ Sao Paulo جي ميئر دادي کي ”شهر جي چابي“ ( Key to the City ) ڏني. جرمني ۾ Frankfurt جي ميئر دادي کي City Medal ڏنو، وغيره. نيويارڪ ۾ UNO ۾ NGO ڪانفرنس ۾ دادي پرڪاش مڻي ڀاشڻ ڪيو ۽ سيڪريٽري جنرل دادي کي UN Peace Medal ڏنو.

1985 : ٽيون وشوَ شانتي سميلن بہ آبوُ ۾ اوم شانتي ڀون ۾ ٿيو. اُدگهاٽن راجسٿان جي گورنر او.پي.مهرا ڪيو. 3000 ڊيليگيٽ آيل هئا.

: دادي پرڪاش مڻي آسٽريليا وغيره جي شيوا تي ويئي.

: UNO جو ”جوانن جو ورهيہ Youth year - 1985“ منائڻ لاءِ 10 هنڌان B.K ڀينرن ڀائرن جي ”ڀارت ايڪتا پئدل ياترا“ نڪري ڳوٺن ۾ ماڻهن کان ٻُريون عادتون ڇڏائڻ جي شيوا ڪئي.

1986 : وشوَ وديالیہ کي 50 ورهيہ پورا ٿيا. اُنهي جي ”گولڊن جُبلي“ سڄي دنيا ۾ 1650 سينٽرن جي دواران ملهائي ويئي.

: فيبروري ۾ چوٿون وشوَ شانتي سميلن، اوم شانتي ڀون، آبوُ ۾ ٿيو. انهي جو اُدگهاٽن ڀارت جي وائيس پريزيڊنٽ آر.وينڪٽرامن ڪيو.

: فيبروري ۾ ”آنترراشٽريہ سنڌي روحاني سميلن“، اوم شانتي ڀون، آبوُ ۾ ٿيو.

: UNO جي ”آنتر راشٽريہ شانتي ورهيہ“ ۾ دنيا جي 88 ديسن ۾ شانتي لاءِ 10 لک منٽ شانتي جا وائبريشن ڦهلائڻ جي تجويز بنائي ويئي. انهي جي بدلي ماڻهن هڪ عرب منٽ ڦهلايا. انهي ڪر UNO وٽان سنسٿا کي ”شانتي ميڊل“ مليو.

1987 : UNO مان دادي پرڪاش مڻي کي ”آنتر راشٽريہ شانتي دوت“ اوارڊ ملي.

: آبوُ ۾ ”راجستاني آڌياتمڪ ڪانفرنس“ ڪوٺائي ويئي.

: آبوُ ۾ ”پارسي آڌياتمڪ ڪانفرنس“ ڪوٺائي ويئي.

: دادي پرڪاش مڻي کي دهلي ۾ ورلڊ رليجس پارليامينٽ مان ”ڌرم رتن اوارڊ“ ملي.

: ماريشس ۾ ”موُت کانپوءِ ڇا ؟“ ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي.

: اَمرتسر ۾ ”شانتي جا چقمق ٻڌجو“ ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي.

1988 : لنڊن ۾ هائوس آف لارڊس ۾ ”بهتر دنيا جي لاءِ وشوَ ڀنڌوتوَ سميلن“ B.K جي طرفان ڪوٺايو ويو.

: ”بهتر دنيا ٺاهڻ لاءِ وشوَ ڀنڌوتوَ“ (Global Co-operation for a Better World) اَڀيان 122 ديسن ۾ شروع ڪيو ويو.

: ”راشٽريه آڌياتمڪ ڪانفرنس“ مائونٽ آبوءَ ۾ بدريڪاشرم جي شنڪراچاريه سوامي شانتانند سرسوتي اُدگهاٽن ڪئي.

: جگدلپر (مديه پرديش) ۾ 10,000 آديواسين جو ميلو B.K لڳايو.

: مدراس ۾ ”وشو ٻندوتو آڌياتمڪ بئنڪ“ B.K کولي.

: آبوءَ ۾ راجنيتڪ نيتائن جي ”سدڀاونا ڪانفرنس“ ڪوٺائي ويئي.

: ڪٽڪ ( اوريسا ) ۾ ”اَپنگ، اَناٿ آڌياتمڪ ڪانفرنس“ ڪوٺائي ويئي.

1989 : مليشيا ۾ ”پڙهي لِکي مهلائن“ ( Enlightened Women ) جي ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي.

: نيويارڪ ۾ ”سنبنڌ ڪئسي سُڌرتي، ڪئسي بِگڙتي هئہ“ ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي.

: رشيا ۾ ” سوني يُگ جي پرڀات“ ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي.

: آبوءَ ۾ ”مهلا جاڳرتي ڪانفرنس“ ڪوٺائي ويئي.

: ”ڀارت ڀُوا چريتر اُٿان“ رئلي ڀارت جي 10 مکيه شهرن مان پئدل نڪري دهلي ۾ ڪانفرنس ڪئي ويئي جنهنجو اُدگهاٽن ڀارت جي چيف جج پراتا رنگنات مشرا ڪيو.

: آبوءَ ۾ ”پيس پارڪ“ جو اُدگهاٽن ٿيو. اُنهي ڪانپوءِ 1991 ۾ اُتي ”شانتي ميلو“ ڪيو ويو. 1992 ۾ ”راج يوگ شِور اَنيوُ“ گاه جي جهوپرين ۾ ڪرايو ويو. 1995 ۾ راجستان سرڪار ”پيس پارڪ“ کي پهريون نمبر شوڀنيڪ پارڪ جو اِنعام ڏنو.

: آبوءَ ۾ ” سروَ ڌرم سميلن “ ڪوٺايو ويو جنهن ۾ 60 ٻاهرين ديسن جا ٻہ ڊيليگيٽ آيا.

1990 : آبوءَ ۾ راجيوگانڌي، ڀارت جي پرائيم منسٽر ”بهتر دنيا بڻائڻ لاءِ وشوَ ٻندوُتوَ جي ضرورت“ ڪانفرنس جو اُدگهاٽن ڪيو.

: سنيڪت راشٽر سنگهه دواران گهوشِت ”اَڻ پڙهيلن کي پڙهائڻ“ جو سال سنستا جي دواران سڄي ڀارت ۾ ڳوٺن ۾ وڃي اَٽپڙه منشن کي پاڙهڻ جي شيوا ڪئي ويئي.

1991 : ڪاڪيناڊا ( آندرا پرديش ) جي ناگرجوُنا فرٽلائيزر فئڪٽري جي مالڪ ۽

: آبوءَ ۾ گيان سرووَر وديا پيٺ (بهتر دنيا بڻائڻ لاءِ اَڪيڊمي) جو شيلانياس راجستان جي گورنر ڊاڪٽر چيناريڊي ڪيو.

: آڪسفورڊ (لنڊن جي نزديڪ) ۾ "گلوبل رٽريٽ سينٽر" جو اُدگهاٽن ٿيو. انهي محل ۾ اِنگلنڊ جي مهاراڻي وڪٽوريا 1841ع ۾ رهندي هئي.

: نيويارڪ ۾ (UNO) کي "بهتر دنيا جي لاءِ يوجنائون" ( Visions for a Better World ) ڪتاب سونپيو ويو.

: آفريڪا( ممباسا ) ۾ "گلوبل آڌياتمڪ لائيٽ هائوس" سنگرهاليہ کوليو ويو.

: نئروبيءَ ۾ "گلوبل ڪوآپريشن ميوزيم" کوليو ويو.

: شِڪاگو ( اَميريڪا) ۾ وويڪانند جي شتابدي منائڻ وقت وشوَ ڌرم پارليامينٽ جي اِجلاس ۾ نمنترڻ تي دادي پرڪاش مڻي ويئي.

: ڀارت سائيڪل ياترائون اَنن شهرن مان نڪري، ڳوٺن ۾ آڌياتمڪ، ساماجڪ ۽ تندرستي جي باري ۾ شيوائون ڪري دهلي ۾ وڏي ڪانفرنس ڪئي ويئي.

: آبوءَ ۾ "چوٿين هيلٿ ڪانفرنس" ڪوٺائي ويئي.

: آبوءَ ۾ اَڳين مهاراجائن جي ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي.

: آبوءَ ۾ "ڌرماچاريہ سميلن" ڪوٺايو ويو.

1994 : پرجاپتا برهما جي فوٽي واري پوسٽ جي ٽڪيٽ ڀارت جي راشٽرپتي شنڪر ديال شرما دهلي ۾ راشٽرپتي ڀوَن ۾ جاري ڪئي.

: دهلي ۽ آبوءَ ۾ "اَنتر راشٽريہ سمپورڻ سواسٿ سميلن" ڪوٺايو ويو.

: آبوءَ ۾ "بال اُديان" جو اُدگهاٽن راجستان جي گورنر بليرام ڀڳت ڪيو.

1995 : "گيان سرووَر وديا پيٺ ۾ "فيسٽيوَل" (جشن) منائي ويئي. ترپُرا جي گورنر روميش ڀنڊاري فيسٽيول جي فنڪشن "وشوَ سديڀاونا هال" ۾ ڀاشڻ بہ ڪيو.

: آبوءَ روڊ، تليٽي ۾ برهماڪمارين جا 2 وڏا ميلا ڪيا ويا، جن ۾ 25000 B.K ڀائر ڀينرون سڄي ڀارت مان آيل هئا.

: گيان سرووَر وديا پيٺ ۾ ڀاڄپا جو ليڊر اَٽل بهاري واجپيئي آيو.

: ڀاڄپا جو پريزيڊنٽ ڀراتا لال ڪرشن آڏواڻي پانڊوَ ڀوَن ۾ آيو.

: آبوءَ ۾ ”قائديدانن جي ڪانفرنس“ (Jurist Conference) ڪوٺائي ويئي جنهن ۾ سڄي ڀارت ۽ ٻين ديشن مان 50 سپريم ڪورٽ، هاءِ ڪورٽ ۽ ٻين ڪورٽن جي ججن ۽ اِنڪم ٽئڪس ڪمشنرن، وڏن آفيسرن، اٽڪل 500 وڪيلن، چارٽرڊ اَڪائونٽنٽس ۽ ٻين قائديدانن ڀاڱ ورتو. راجستان جو گورنر بليرام ڀڳت سماپتي سماروه جو پريزيڊنٽ هو.

: آبوءَ ۾ هر سال جي موافق هن سال بہ ”سترهون اِسڪولي ٻالڪن ۽ ٻالڪين جو چرِيترڪ ۽ ساماجڪ اُٿان“ ميلو هڪ هفتي لاءِ هليو.

: چائنا ۾ ”اَنترراشٽريہ مهلا سميلن“ ۾ سنستا جي طرفان اَميريڪا، لنڊن، رشيا، ڀارت وغيره ديشن مان 20 B.K ڀائر ڀينرن ڀاڱ ورتو.

: دادي پرڪاش مڻي نيپال جي ايشوري شيوا جا 25 سال پورا ٿيڻ تي سِلور جُبلي ملهائڻ ويئي ۽ اُتي جي ڪِنگ بريندر شاه کي آبوءَ ۾ 1996 ۾ ڊائمنڊ جُبلي ملهائڻ وقت اَچڻ لاءِ نِمنترڻ ڏنو.

: دادي پرڪاش مڻي سائوٿ آفريڪا جي ڊربن شهر ۾ ”وشوَ هندو ڪانفرنس“ ۾ ڀاشڻ ڏنو ۽ اُتي جي پريزيڊنٽ ڊاڪٽر نيلسن منڊيلا سان گڏجي مائونٽ آبو ۾ ڊائمنڊ جُبلي ملهائڻ جو نمنترڻ ڏنو.

: ”مانسڪ چڪتسڪ (Psychiatrists) ڪانفرنس“ آبوءَ ۾ ڪوٺائي ويئي.

: دادي پرڪاش مڻي فرئنڪفرٽ، نيويارڪ، ميامي، بوگوٽا(ڪولمبيا)، ٽرنيڊاڊ، گيانا، گئاٽيمالا، برازيل، چِلي، آرجينٽينا ۽ يو.ڪي. جي ليڪچر ٽوئر تي ويئي.

: آبوءَ ۾ ”بهتر دنيا جي واسطي چرِيتر سُڌار سکيا“ ڪانفرنس رکي ويئي. انهي جو اُدگهاٽن ماريشس جي پرائيم منسٽر سَر اَنيروڌ جگناٿ ڪيو. انهي ۾ 20 وائيس چانسلر، 25 يونيورسٽيز جا رجسٽرار ۽ 500 پروفيسر وغيره آيل هئا.

1997-96 : سنستا جا 60 سال پورا ٿيڻ ڪري جنوري 1996 کان فيبروري 1997 تائين ”هيرڪ جُبلي“ (Diamond Jubilee) سڄي دنيا ۾ ڌام ڌوم سان ملهائي ويندي.

اَهڙي طرح آبوءَ ۾ ۽ ڀارت ۾، بلڪ سڄي دنيا ۾ منشن جي آڌياتمڪ، چرِيترڪ، ساماجڪ، تندرستي وغيره جون شيوائون شهرن، ڳوٺن ۽ جُهڳين جهوپڙين بلڪ گهر گهر ۾ برهماڪمار ۽ برهماڪماريون ڪُلي دل سان ڪري رهيون آهن.

## پرجاپتا برهماڪماريز ايشوريہ وشوَ ودياليہ جي ڪاروبار تي هڪ نظر

(1) ڪاسٽاريڪا ۾ UNO جي طرفان ڪليل "شانتي يونيورسٽي" جي ڳُهر تي سرڪاري اَئگريمينٽ موجب ڪين اَسان وٽان فري صلاح مصلحت ملندي آهي.

(2) ماريشس جي پاليامينٽ خاص قاعدو ناهي اَسان جي سنسٿا کي مانيتا ڏني آهي.

(3) گيانا (ڏکڻ اَميريڪا) پارليامينٽ (اَسان جي صلاح موجب) قاعدو ناهيو آهي تہ 3 منٽ پرماتما جي ياد ۾ ويهي پوءِ ڪاروبار شروع ڪرڻي آهي.

(4) ايشوريہ وشوَ ودياليہ جي سکيا : 1 - گهر گرهست ۾ رهندي جيون ڪمل جي گل جهڙي بڻائڻ، 2 - راج يوگ دواران شانتي جو اَڀياس ۽ اَنڀوُ، 3 - ايشوري گڻن جي ڌارڻا، 4 - سيني طبقن جي منشن جي جيون سُڌار جون شيوائون.

(5) سکيا ڏيڻ وارو : گيان جي ساگر پرم پريہ پرم پتا نراڪار پرماتما شِو، ساڪار پرجاپتا برهما جي سرير ۾ پرويش ڪري هيءُ گيان ڏنو آهي.

(6) مقصد : 5000 سالن اَڳي وانگر پنهنجي ئي تن، من، ڌن سان آڌياتمڪ شيوائن جي ذريعي 100 في صدي سک، شانتي ۽ پوِترتا سان سمپن ديوي ديوتائن جي نئين پوِتر دنيا وري برپا ڪرڻ.

(7) سکيا جو دائرو : هيءَ سکيا سڀ ماڻهو اِستري پُرش، جوان، ٻالڪ، ٻُڍا سڀ وٺي سگهن ٿا. هتي ڪنهن بہ ذات پات، رنگ روپ، عمر، ديش، ڌرم، سماج وغيره جو ڀيد ڀاو ڪونهي.

(8) سکيا جا نيم : 1 - پوِترتا، 2 - اَهنسا، 3 - پوِتر وئشنو ڀوڄن، 4- سگريٽ بيڙي، شراب وغيره نشيلي شين تي پوري بندش، 5 - روزاني ايشوري گيان ۽ راج يوگ جي پڙهائي ۽ اَڀياس، 6 - ديوتائي گڻن جي ڌارڻا : سهن شيلتا، سنتوش، سدڀاونا ، ڪنهن کي بہ دک نہ ڏيڻ وغيره دئوي گڻ، 7 - جيون ڀر برهمچريہ ورت.

(9) ٻار کي، ديش کي، وشوَ کي فائدا : 1 - چريتر جو سُڌارو، 2 - بُرين عادتن ڇڏڻ سان پئسي جي بچت، 3 - ڀائي ڀائي جي درشٽي جي ڪري سماج ۾ ايڪتا، 4 - مذهبي ڪٽرتا کان ڇُٽڪارو، 5 - ايشور لاءِ سچي پريم ڀاونا، پراُپڪار جي ڀاونا، 6 - پنهنجي اَڌڪارن سان گڏوگڏ ساماجڪ جوابدارين جي محسوستا، 7 - وهنوار ڪُشلتا، 8 - تناو رهت جيون، 9 - برهمچريہ ذريعي پريوار نيوجن، 10 - دنيا ۾ هڪئي ڪُٽنب جي ڀاونا، 11 - رشوتخوري، ڪالا بازاري، لڙائي جهڳڙي وغيره کان وويڪ جاڳرتي سان ڇُٽڪارو، 12 - شانتي لاءِ در در ڀٽڪڻ بند، 13 - ڀُراڻن ڀرمن، وهمن ۽ رواجن، ڀوتن پريتن، ڪوڙين مڃتائن، اَنڌ وشواس وغيره کان ڇُٽڪارو، وغيره.

(10) سَکيا لاءِ في : ڪابہ نہ.

(11) خرچ ڪٿين ٿو هلي : ٿن لکن کان بہ وڌيڪ پاٺر پينرون سنستا جي 4000 سينٽرن تي روزاني سکيا وٺڻ ۽ راڄ يوگ جو اَڀياس ڪرڻ وارا آهن. هن اَڀياس سان ٻُريون عادتون (شراب، سگريٽ، پتکيل چريتر، لڙائي جهڳڙا وغيره) ڇُٽي وڃڻ ڪري هنن جو ڪيتروئي پئسو بچي ٿو. اُنهي مخصوسنا ۽ خوشيءَ وچان پين منشن جي بہ اَهڙي شيوا ٿئي، اُنهي ڀاونا سان جنهن کي جيترو بہ ويچار اَچي ٿو اوترو هوُ پنهنجي تن، من، ڌن کي هن شيوا ۾ لڳائي ٿو.

## آبوُ، پانڊوَ ڀون مکيہ سينٽر تي روزانو پروگرام

| | | | |
|---|---|---|---|
| 3.30 | بجي | صبوح | ننڊ مان اُٿڻ. |
| 4.45 - 4.00 | " | " | راڄ يوگ جو (شانتي ۾) ڪلاس. |
| 5.45 - 4.45 | " | " | پتا سري جي ڪمري ۾ راڄ يوگ دواران اَنيڪ ايشوري اَنيوُ. |
| 6.30 - 5.45 | " | " | راڄ يوگ جو ڪلاس. |
| 7.30 - 6.30 | " | " | ايشوري مهاواڪين جو ڪلاس. |
| 10.00 - 8.00 | " | " | ناشتو ۽ يوگي اَوستا ۾ شيوا. |
| 12.00 - 10.30 | " | " | ايشوري گڻن کي ڌارڻ ڪرڻ جو ڪلاس. |
| 1.30 - 12.30 | " | منجهند | برهما ڀوجن. |
| 4.00 - 2.00 | " | " | پنهنجو پرشارٿ، آرام، وغيره. |
| 4.30 - 4.00 | " | شام | ناشتو پاڻي. |
| 7.00 - 5.00 | " | " | گيان ۽ يوگ جو ڪلاس. |
| 7.30 - 7.00 | " | " | شام جو سئر. |
| 8.15 - 7.30 | " | رات | برهما ڀوجن. |
| 8.45 - 8.15 | " | " | ايڪانت ۾ چنتن ۽ سئر. |
| 10.00 - 8.45 | " | " | ايشوري شيوا سماچار ڪلاس. |
| 10.15 | " | " | وشرام. |

نوٽ :- وشوَ شانتي لاءِ ڀارت ۽ وديش ۾ سڀني سينٽرن تي شام جو 5.30 کان 6.30 بجي تائين هر مهني جي ٽئين آرتوار تي خاص اَنتر راشٽريہ راڄ يوگ جو ڪاريہ ڪرم رکيو ويندو آهي.

# ست مارگ ڏيکارڻ واري نمائش

جڏهن ڪو اِنسان دکي ۽ اَشانت ٿيندو آهي تہ هو پريوءَ کي ئي پڪاري آراڌنا ڪندو آهي تہ هي دک هرتا، سک ڪرتا، شانتي داتا پريوُ، مونکي شانتي بخش. آرتي ڪرڻ وقت بہ ڳائيندا آهن تہ ”وشيہ وڪار مِٽائو، پاپ هرو ديوا“ يعني ”هي پريوُ اَسانکي پوِترتا ڏيو ۽ بُرائي کان ڇڏائي پلائي جو سد مارگ ڏيو“. پر پرم پتا پرماتما وڪارن يا بُرائين کان ڇڏائڻ لاءِ جيڪو ايشوري گيان خود ڏيئي رهيو آهي ۽ سهج راج يوگ سيکاري رهيو آهي اُنهي کان منش اَڄ اَڻ ڄاڻ آهن ۽ جيون ۾ ڌارڻ نٿا ڪن. پرم پتا پرماتما تہ هن وقت خود رهبر بڻجي راه ڏيکاريُ رهيو آهي. پر پرشارٿ تہ اِنسان کي خود ڪرڻو پوندو نہ، تڏهن تہ اَسين جيون ۾ سچو سک ۽ شانتي پائي سگهنداسين ۽ اَسانکي اوُچو شُڌ پد ملي سگهندو.

هن پستڪ ۾ پرم پتا پرماتما جو ٻُڌايل گيان ۽ سهج راج يوگ جو مارگ تصويرن ذريعي ڏيکاريو ويو آهي. گڏو گڏ تصويرن جي سمجهاڻي بہ ڏني ويئي آهي تا ڪِ اُنهن کي سڀ چڱيءَ طرح سمجهي سگهن. هيءُ ڪتاب پڙهڻ سان توهان کي گهڻئي نوان نوان گيان رتن ملندا.

باقي راج يوگ جي عملي اَڀياس سکڻ لاءِ ۽ پنهنجي جيون اوچي ۽ دِويہ بڻائڻ لاءِ توهان سيني کي هن ايشوري وشو وديالیہ جي ڪنهن بہ شيوا اِستان تي وڃي لاڀ وٺڻ لاءِ وڏي سِڪ ۽ پريم سان نينڊ ڏني ٿي وڃي. هي شيوائون بنا ڪنهن بہ چارج يا فيءَ جي ڪيون وينديون آهن. لِکا پڙهيءَ دواران بہ هن ايشوري گيان جي پڙهائي پڙهي سگهو ٿا.

اوم شانتي.

# آتما ڇا آهي ۽ من ڇا آهي؟

سامهون تصوير ۾ ڏيکاريل آهي تہ اِنسان جي بناوت ٻن شين تي مدار رکي ٿي : (1) آتما ۽ (2) سرير. سرير پنجن تتوَن جو ٺهيل آهي : آڪاش، هوا، باه، پاڻي ۽ ڌرتي. اَهڙيءَ طرح آتما وري من، ٻُڌي ۽ سنسڪارن جي گڏيل هستي آهي. آتما ۾ ئي ويچار ڪرڻ (من) ۽ نرڻئہ ڪرڻ (ٻُڌي) جي شڪتي آهي ۽ آتما ئي سرير دواران ڪرمن ڪرڻ جي شڪتي رکي ٿي. اِنهي ڪري جھڙا ڪرم آتما سرير دواران ڪري ٿي اُن موجب اُنهي جا سنسڪار ٺهن ٿا. سُٺن ڪرمن جو ڦل سُک ۽ ٻُرن ڪرمن جو ڦل ڏک بہ اُنهي کي ئي سرير دواران ڀوڳڻو پوي ٿو.

آتما هڪ چيتن ۽ اَوناشي پرڪاش جي بِندي (ٻڙي) آهي جا اِنسان جي سرير ۾ نرڙ جي وچ ۾ رهندي آهي. جيئن رات جو آسمان ۾ چمڪندڙ تارا ٻُڙي وانگر ڏسڻ ۾ ايندا آهن تيئن دِويہ درشٽي ۾ آتما بہ هڪ تاري مثل ڏسڻ ۾ اَچي سگهي ٿي. اِنهيءَ ڪري چوندا آهن تہ " ڀرڪٽيءَ جي وچ ۾ چمڪي ٿو هڪ عجيب ستارو ". ڀڳت ۽ ٻيا ڌارمڪ خيالات وارا ماڻهو ڀرڪٽيءَ تي تِلڪ ڏيندا آهن ڇو تہ اُنهي کي شُڌ ۽ اوچ جڳھ مڃيندا آهن. نصيب يا للاٽ جي ڳالھ نڪرندي آهي تہ بہ منش اُنهي هنڌ پنج ئي آڱريون رکي چوندا آهن تہ "جھڙو نصيب هوندو تيئن ئي ٿيندو".


آتما جڏهن سرير ڇڏيندي آهي تہ منش اُنهي کي "موّت" چوندا آهن. پر پرم پتا پرماتما سمجھايو آهي آتما تہ اَنادي، اَوناشي، اَمر وستو آهي. اُها مرڻ، ڪٽجڻ وغيره کان پري آهي. آتما تہ هِڪدم من، ٻُڌي ۽ سنسڪارن سهت وڃي ٻئي ماتا جي گرڀ ۾ پرويش ڪري ٿي. باقي تہ سرير آهي پنجن تتوَن جو پُتلو (تصوير ۾ ڏسو) جنهنجو مرڻ ڪانپوءِ ڪريا ڪرم ڪرڻ سان تتوَ تتوَن ۾ ملي وڃن ٿا. مرڻ جھڙي شيءِ تہ دنيا ۾ ڪا آهيئي ڪونہ جنهن جي ڏُک ڪرڻ جي ضرورت پوي. واسطو ۾ تہ پرماتما، آتما ۽ پرڪرتي اِهي ٽيئي اَنادي ۽ اَوناشي آهن.

پر اَڄ جا اِنسان هن ننڍي ڳالھ کي ڀُلجي ويا آهن. هو پاڻ کي آتما نہ سمجھي، سرير يعني اِستري، پُرش، ٻُڍو، جوان، پُٽ ڀيءُ، ماءُ ڌيءَ، ماما چاچا وغيره سمجھي، ديھ جي اَيمان ۾ ڦاسڻ ڪري موه وچان روڄن مچائيندا آهن. اِها ڳالھ وڌيڪ سمجھائڻ لاءِ تصوير ۾ هڪ موٽر ڪار ۽ ڊرائيور جو مثال ڏيکاريو ويو آهي. سرير هڪ موٽر ڪار جي مثل آهي ۽ آتما آهي اُنهيءَ جو ڊرائيور. جيئن ڊرائيور هوشيار نہ هئڻ ڪري حادثي جو شڪار ٿئي ٿو ۽ موٽر ۽ مسافرن کي بہ ڏک لڳن ٿا تيئن جنهن اِنسان کي پنهنجي ڄاڻ نہ آهي اُهو خود تہ ڏُکي ۽ اَشانت ٿئي ٿو پر پنهنجن مٽن مائٽن کي بہ ڏُکي ۽ اَشانت ڪري ٿو. اِنهيءَ ڪري سچي ۽ دائما سُک ۽ شانتي پراپت ڪرڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي ۽ پتا پرماتما کي ڄاڻڻ تمام ضروري آهي.

# آتما ڇا آهي ۽ من ڇا آهي ؟



## ٽي لوڪ ڪهڙا آهن
## پرماتما شِو جو ڌام ڪهڙو آهي؟




सर्वव्यापकता भावना है, सिद्धान्त नहीं।

OMNIPRESENCE OF GOD IS A FEELING, NOT A FACT.

# ٽي لوڪ ڪهڙا آهن ۽ پرماتما شِو جو ڌام ڪهڙو آهي؟

منش چاهين ٿا ته آسانيءَ سان مڪتي يا پورڻ نرواڻ ملي. پر هنن کي اِها ڄاڻ ڪانهي ته مڪتي ڌام يا نرواڻ ڌام ڪٿي آهي؟ اهڙي طرح پرم پتا پرماتما شِو کي سڀ ياد ڪن ٿا ۽ هن سان ملڻ جي آشا رکن ٿا، پر هنن کي اِها ڄاڻ ڪونهي ته پرماتما شِو جو پوِتر ڌام ڪٿي آهي جتان پرماتما شِو هن سرشٽي تي اچي اوتار وٺي ٿو. عجب جي ڳالهه آهي جو جنهن اصلي گهر مان اسين منش آتمائون هن سرشٽي روپي اِسٽيج تي آيا آهيون. اِنهي اِسٽيج کي ئي گهر سمجهي، اُنهي پياري وطن کي وساري ويٺا آهيون ۽ اِنڪري واپس وڃي نٿا سگهون.

(1) **ساڪار منش لوڪ :-** سامهون چٽر ۾ ڏيکاريل آهي ته هي ءَ منش سرشٽي اُبتي وڻ وانگر آڪاش تتوَ جي اَنش ماتر ۾ آهي جنهنجو ٻج پرماتما مٿي برهم لوڪ ۾ رهي ٿو. اَسين منش آتمائون هن وقت هڏي ماس جو سرير وٺي هن ساڪار لوڪ ۾ ڪرم ڪري رهيا آهيون جنهنجو ڦل سک يا دک جي روپ ۾ ڀوڳي رهيا آهيون ۽ جنم مرڻ جي چڪر ۾ گهمي رهيا آهيون. هن لوڪ ۾ سنڪلپ، آواز ۽ ڪرم ٿيئي آهن. اِنهي کي پنجن تتوَن جي سرشٽي يا ڪرم ڪيتر يا ناٽڪ جو اِسٽيج به چيو وڃي ٿو.

(2) **سوکيم ديوتائن جو لوڪ :-** منش لوڪ جي سج، چنڊ ۽ تارن کان پري، بلڪ آڪاش تتوَ کان به پار سوکيم لوڪ آهي جتي روشني ئي روشني آهي. اُنهي پرڪاش جي به اَنش ماتر ۾ برهما، وشنو ۽ شنڪر جا اَلڳ اَلڳ لوڪ آهن. اُتي اِهي ديوتائون ڪو هڏي ماس جي سرين وارا ڪونهن پر پرڪاش روپ وارا آهن. اِهو لوڪ دويه درشٽي سان ڏسي سگهجي ٿو. اُتي دک يا اَشانتي جو ڀاڃو به ڪونهي. اُتي سنڪلپ ۽ ڪرم به ٿيندا آهن ۽ ڳالهه ٻولهه به ٿيندي آهي پر آواز بلڪل ڪونه هوندو آهي.

(3) **برهم لوڪ يا پرلوڪ :-** مٿين سوکيم لوڪن کان به پري هڪ لوڪ آهي جنهن کي برهم لوڪ، پرلوڪ، نرواڻ ڌام، مڪتي ڌام، شانتي ڌام، پرمڌام وغيره نالن سان ڪونيو ٿو وڃي. اُتي سونهري ڳلابي رنگ جو پرڪاش ڇانيل آهي جنهن کي پنجن تتوَن کان اَلڳ ڇهون اَکنڊ جوتي مهتتوَ يا برهم تتوَ به چيو ٿو وڃي. اُنهي جي اَنش ماتر ۾ سڀ جوتي ٻِندوُ سوروپ چيتن آتمائون مُڪت اَوستا ۾ رهن ٿيون. اُتي هر هڪ ڌرم جي آتمائن جا اَلڳ اَلڳ ڀاڱا آهن. اُنهن سڀني آتمائن کان مٿي، سدا مُڪت چيتن جوتي ٻندو سوروپ سڀني آتمائن جي پرم پتا پرماتما "شِو" جو نواس اِستان آهي. اُنهي لوڪ ۾ سڀئي آتمائون ڪلپ جي پڇاڙيءَ ۾ سرشٽي جي مها وناش ٿيڻ وقت پنهنجي ڪرمن جو ڦل ڀوڳي پوِتر بڻجي وڃي نواس ڪن ٿيون. اُتي آتمائون ديهه جي ٻنڌن، ڪرم ٻنڌن ۽ جنم مرڻ کان ڇُٽل رهن ٿيون. هن لوڪ ۾ نه سنڪلپ آهي، نه آواز ۽ نه ڪرم. هن لوڪ ۾ پرم پتا پرماتما شِو کانسواءِ ٻيو ڪير به وٺي نٿو هلي سگهي. اِهو اَنڀوُ ڪرڻ لاءِ هن ايشوري گيان ۽ راج يوڳ جي ضرورت آهي.

# هڪ عجيب ڳالهه

”هي پتا“ ، ”هي دک هرتا، سک ڪرتا پربهو“ ، ”هي پرم پتا پرماتما“ وغيره، اهڙي طرح گهڻا ئي ماڻهو پرماتما کي ياد ڪندا آهن. اِهي اکر پرماتما سان لاڳاپو ڏيکارين ٿا. پر عجب آهي جو ”پتا“ اکر چوندي به پتا جي پهچاڻ ۽ اُنهي سان پورو پيار پريو سنبنڌ نٿا رکي سگهن. اِنهي ڪري ياد ڪرڻ وقت به اُنهن جو من هڪ نڪاٽي نٿو رهي. نتيجو اِهو ٿو نڪري ته ڪين ايشوري جنم جو حق، سچو سک ۽ شانتي نٿي ملي، نڪو وري هو ايشوري شڪتي ۽ پرڪاش جو انڀؤ ڪري سگهن ٿا ۽ نه اُنهن جا پراڻا ۽ خراب سنسڪار بدلجي سگهن ٿا. اِنهي ڪري پرم پياري پرم پتا پرماتما جي سُڃاڻپ سار ۾ توهان جي اڳيان رکجي ٿي جا اسان کي خود پرماتما وٽان دنيا جي ڀلائيءَ لاءِ ملي آهي.

**پرماتما جو نالو ۽ سندس مهما :-** پرم پتا پرماتما جو نالو ”شِو“ آهي. شِو اکر جي معنيٰ آهي ”ڪلياڻڪاري“. پرم پتا پرماتما شِو ئي گيان، شانتي، آنند ۽ پريم جو ساگر آهي. هو پاپين کي پوِتر بڻائڻ وارو، ڪال جي ٻنڌن کان ڇڏائڻ وارو، رحم ڪرڻ وارو ۽ مڪتي ۽ جيون مڪتي جو مارگ ڏيکارڻ وارو آهي. هو سڀني جي گتي ۽ سدگتي ڪرڻ وارو هڪ ئي ستگرو آهي. ايشوري ٻُڌي ڏيئي سرشٽي جي آدي چڪر جو گيان ڏيڻ وارو اُستاد به اُهو هڪ ئي آهي. منش آتمائن کي گيان روپي سوم رس يا امرت پيئارڻ ۽ امر پد جو وردان ڏيڻ جي ڪري ”سومناٿ“ ، ”امرناٿ“ وغيره نالا به هن تي ئي پيا آهن. هو جنم مرڻ کان سدا مُڪت، سدا هڪ رس، سدا جاڳندي جوت، سدا شِو آهي.


**پرم پتا پرماتما جو سوروپ :-** پرماتما جو سوروپ هڪ ”جوتي بِندو“ وانگر آهي جو چيتن تمام نرمل، سونهري لال ۽ من موهيندڙ آهي ۽ جنهنکي ”ايشوري اک“ سان ئي ڏسي سگهجي ٿو ۽ ايشوري ٻُڌي سان انڀؤ ڪري سگهجي ٿو. اُهو جوتي بِندو سوروپ ڀارت ۾ ”شِو لنگ“ جي روپ ۾ پوڄيو وڃي ٿو ۽ اُنهي جي اوتار وٺڻ جي ياد ۾ ”مها شوراتري“ به ملهائي وڃي ٿي.

**نراڪار جو مطلب :-** لڳڀڳ سڀني ڌرمن وارا منش پرماتما کي نراڪار مڃن ٿا پر اُنهي جو مطلب هو سمجهن ٿا ته پرماتما جو ڪو به روپ ڪونهي! پرماتما خود سمجهايو آهي ته ”مان منش وانگر سرِيرڪ روپ نٿو وٺان، نڪو ڪو ديوتائن وانگر سوکيم چمڪندڙ سرير ٿو وٺان پر مان سدا نراڪار يعني بنا سرير جي چيتن جوتي بِندو سوروپ آهيان“. بِندو ته هڪ ”ڪڻ“ مثل آهي، پر اُنهي جي بدران منش چون ٿا ته پرماتما ”ڪڻ ڪڻ“ ۾ آهي. اِها کهڙي نه عجيب ڳالهه آهي!

# सर्व आत्माओं के पिता

## SUPREME FATHER OF ALL SOULS

سيني آتمائن جو پرم پتا هک ئي پرماتما آهي ؛ اُهو نراکار آهي




प्रायः सभी धर्मों के लोग परमात्मा को निराकार अर्थात् अशरीरी मानते हैं। शिवलिंग ज्योति-बिन्दु परमात्मा की ही यादगार भारत के कोने-कोने में तथा भिन्न-भिन्न देशों में पाई जाती है। परमात्मा शिव ही हम सर्वात्माओं के परमपिता, परमशिक्षक एवं परम सद्‌गुरु हैं। अतः निराकार ज्योति-बिन्दु स्वरूप परमात्मा शिव को याद करने से ही हम पापों से मुक्त हो सकते हैं।

# سيني آتمائن جو پرم پتا هڪ ئي پرماتما آهي ۽ اُهو نراڪار آهي.

اَڪثر ڪري سيني ڌرمن جا منش چون ٿا ته پرماتما هڪ ئي آهي ۽ اُهو ئي سيني منش آتمائن جو پتا آهي. اِنهي ڪري سڀ اِنسان هڪ ٻئي ۾ ڀائر آهن. پر سوال آهي ته اُهو هڪ پرلوڪڪ پرم پتا ڪير آهي جنهن کي سڀ مڃين ٿا؟ هرهڪ ڌرم جا پوئلڳ نراڪار جوتي سوروپ پرماتما شِو جي مورتي (شِو لنگ) کي ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ مڃين ٿا. ڀارت ۾ ته جڳهه جڳهه تي شِو جا مندر آهن. ڀڳت ”اوم نمه شِوايه“ يا ”تمهين هو ماتا، پتا تمهين هو“ يا ”ستيم شِوم سُندرم“ وغيره ڀڄنن سان هن جي مهما ڳائين ٿا ۽ پوڄا ڪن ٿا. شِو کي سري ڪرشن يا سري رام ۽ برهما، وشڻو، شنڪر جهڙن ديون جو به ديو يعني پرم پوڄيه مڃين ٿا. اَمرناٿ، وشوناٿ، سومناٿ، پشوپتيناٿ وغيره مندرن ۾ به پرم پتا پرماتما شِو جا ئي يادگار آهن. راجا وڪرماجيت به شِو جو ئي پوڄاري هو.

ڀارت کان ٻاهر ٻين ڌرمن جا منش به شِو کي مڃيندا آهن. سامهون تصوير ۾ ڏيکاريل آهي ته شِو جو يادگار روپ سيني ڌرمن ۾ آهي. اِٽلي ديش ۾ ڪيترا رومن ڪئٿلڪ عيسائي اَهڙي صورت واري مورتيءَ کي پنهنجي طريقي سان پوڄين ٿا. عيسائين جي ڌرم اِستاپڪ حضرت عيسا يا سِک ڌرم جي اِستاپڪ گرو نانڪ صاحب به پرماتما کي نراڪار جوتي سوروپ (Kindly Light) ئي مڃيو آهي. مسلمانن جي مڪيه تيرٿ مڪي شريف ۾ به اِنهي قسم جو ئي هڪ ڪارو پٿر آهي جنهن کي مسلمان ياتري تمام پيار ۽ اَدب سان چُمندا آهن جنهن کي هو ”سنگي اَسود“ چوندا آهن. اِبراهيم ۽ حضرت محمد دواران ئي اُنهي جي اِستاپنا ڪيل مڃين ٿا. پر اَڄ اُهي به اُنهي رهسيه کي نٿا ڄاڻن ته اُنهي شِڪل جي پٿر جي اِستاپنا ڇو ڪئي ويئي ۽ هن کي هيتري پيار ۽ اَدب سان چُمڻ جو رواج ڇو ٿو هلندو اَچي. يهوُدي ڌرم وارا ته پرماتما کي ”جِهووا“ نالي سان ڪوٺيندا آهن، جنهن جو اُچار ”شِو“ وانگر ئي آهي. جپان ۾ به ٻُڌ ڌرم جا پوئلڳ اَهڙي ئي آڪار جي هڪ مورتيءَ کي سامهون رکي اُنهي تي پنهنجو ڌيان ايڪاگر ڪندا آهن.

وقت بدلجندي سيئي ڌرمن وارا هيءَ مکيه ڳالهه ڀُلجي ويا آهن ته ”شِولنگ“ سيني منش آتمائن جي پرم پتا جي يادگار نشاني آهي. جيڪڏهن اِها ڳالهه ڄاڻندا هجن ها ته ڪير به سومناٿ جي مندر کي ڪڏهن به ڦُرڻ جو ويچار ڪونه ڪري ها. بلڪِ سيني ڌرمن وارا ڀارت کي پرم پتا پرماتما جي اَوترڻ ڀُومي مڃي اُنهي کي پنهنجو خاص مکيه تيرٿ اِستان ڪري مڃين ها. اِنهي ريت سنسار جو اِتهاس ئي ڪجهه نرالو هجي ها. پر هڪ پتا کي ئي ڀُلجڻ ڪري سنسار ۾ لڙائي، جهڳڙا، دک ۽ ڪلهه ڪليش وڌي ويو آهي ۽ سيئي آنات ۽ ڪنگال بڻجي پيا آهن.

# پرم پتا پرماتما ۽ اُنهي جا نرالا ايشوري ڪرتويه


سامهون تصوير ۾ سمجهايو ويو آهي ته پرماتما شِو هن ڪلهيگ جي اَنت ۾ ڌرم گلاني يا اَگيان جي رات جي وقت سرشٽي جي ڪلياڻ لاءِ پهريائين ٽِن سوڪيم ديوتائن برهما، وشڻو ۽ شنڪر کي رچي ٿو جنهن ڪري شِو کي ”ترمورتي“ ڪوٺيو ٿو وڃي. ساڳئي وقت خود پرماتما هن منش لوڪ ۾ هِڪ ساڌارڻ بُزرگ ڀڳت جي شرير ۾ پرويش ڪري اُنهيءَ جو نالو ”پرجا پتا برهما“ رکي، خود ئي منش آتمائن کي پِتا، اُستاد ۽ ستگُرو جي روپ ۾ ملي ٿو ۽ ڪين سول گيتا گيان ۽ سول راج يوگ سيکاري هنن جي سدگتي ڪري هنن کي جيون مڪتي پد ڏئي ٿو. اَهڙي طرح شِو پرماتما نئين سرشٽي پرجاپتا برهما جي دواران اِستاپن ڪرائي ٿو.

پر نئين نروڪاري ستوگڻي ديوتائي دنيا سان گڏوگڏ پُراڻي وڪاري تموگُڻي آسُري دنيا نٽي هلي سگهي: اِنهيءَ ڪري جيئن ساڳي جڳهه تي نئين عمارت ٺهرائڻ لاءِ پُراڻي مڪان کي ڀڃرايو ويندو آهي تيئن هن پُراڻي پتت سرشٽي يعني نرڪ جي وناش ڪرائڻ لاءِ شِو پرماتما وري سوڪيم شنڪر ديوتا کي نِمت بڻائي ٿو جو هڪ طرف سائنسدانن دواران اَنيڪ زهريلي بامب ۽ مسائيل وغيره سوڪيم پريرڻائن سان تيار ڪرائي ٿو (جِن کي شاسترن ۾ مُوسل ۽ برهم اَستر وغيره نالا ڏنا، آهن) ۽ ٻئي پاسي اَنيڪ ڌرم، جاتي، ڀاشا ڀيد وارا منش پاڻ ۾ ئي لڙي پنهنجن ڪُلن جو وناش ڪن ٿا. ٽئين پاسي هي تموگڻي پنج تتوَ ۽ پرڪرتي جي اَنيڪ آپدائن جهڙوڪِ ٻوڏ، ڏڪر باه، ڌرتي ڌُڏڻ وغيره دواران پنهنجو جلوو ڏيکاري هن وناش ۾ حصو وٺن ٿا.


وشڻو دواران پالنا - وشڻو جي چئن ٻانهن مان ٻه ٻانهون سري لڪشمي ۽ ٻه ٻانهون سري نارائڻ جي نشاني آهن. ”سنک“ پوِتر وچن يا گيان واڻي جي نشاني آهي، ”چڪر“ سوَ (آتما) جي ۽ سرشٽي جي درشن يا گيان جي نشاني آهي(سُوَدرشن چڪر)، ”ڪمل پُشپ“ سنسار ۾ رهندي نياري ۽ پوِتر رهڻ جي نشاني آهي ۽ ”گدا“ مايا يعني پنجن وڪارن تي جيت پائڻ جي نشاني آهي. اَهڙي طرح پرم پتا پرماتما اَسان منش آتمائن جي اَگيان وشڻو چترڀُڄ جو آدرش رکي نر کي شري نارائڻ ۽ ناري کي شري لڪشمي پد پائڻ لاءِ راج يوگ سيکاري ٿو. وشڻو جو ٻبل تاج ڏيکاريل آهي جنهن مان هڪڙو رتن جڙت تاج سُک سمپتي ۽ راج ڀاڳ جي نشاني آهي ۽ ٻيو پرڪاش جو تاج پوِترتا ۽ شانتي جي نشاني آهي.

هاڻي اَسانجو ڪرتويه آهي ته پرم پتا پرماتما شِو ۽ پرجا پتا برهما سان پنهنجو آتمڪ سنبنڌ جوڙي پوِتر بڻجڻ جو پرشارٿ ڪريون ۽ سچا وئشنو ڪُل جا ديوي ديوتا بڻجڻ لاءِ مڪتي ۽ جيون مڪتي جي ايشوري جنم جي اَڌڪار کي پراپت ڪرڻ لائق بڻجون.

پرم پتا پرماتما ۽ اُنهي جا نرالا ايشوري ڪرتويه



# شِو پرماتما جو دِویہ اَوترڻ



# شِو پرماتما جو دِويه اَوترڻ

”شِو“ اکر جي معنيٰ آهي ”ڪلياڻڪاري“. پرماتما جو اِهو نالو اِنهي ڪري پيو آهي جو هو ڌرم گِلاني جي وقت، جڏهن سڀ منش آتمائون مايا(پنجن وڪارن) ۾ ڦاسڻ جي ڪارڻ دُکي، اَشانت، پتت، تموگڻي ٿي ٿيون پون تڏهن هنن کي وري پاون، پوِتر ۽ سمپورڻ سکي بڻائڻ جو ڪلياڻڪاري ڪرتويه پنهنجي برهم لوڪ نِواس مان پرٿوي تي اَوترت ٿي (اَچي) هِڪ منش جي شرير جو آڌار وٺي ڪري ٿو. پرماتما جي هِن اُوترڻ جو يعني دِويه ۽ اَلوڪڪ جنم جو شُڀ ڏينهن ”شِوراتري“ يا ”شِو جينتي“ پوِتر يادگار جي روپ ۾ منايو وڃي ٿو.

پرماتما شِو جنهن ساڌارڻ بُزرگ منش جي شرير ۾ اَوتار وٺي ٿو يعني جنهن جي تن تي ”سواري“ ڪري ٿو، پهريائين اُنهي جو جيون بدلائي، اُنهي کي پوِتر ۽ راج يوگي بڻائي ”پرجاپتا برهما“ نالو رکي ٿو. منش اُنهي ”سواري“ کي طاقتور بئل جو روپ ڏيئي هر هنڌ شِو جي مندر جي ٻاهر ”نندي گڻ“ (نندي نالي واري مشهور بئل) جو بُت رکن ٿا.

## جنم مرڻ کان پري پرماتما جي دِويه جنم جي ريت سڀ کان نياري

پرماتما شِو ڪنهن پُرش جي ٻج سان يا ڪنهن ماتا جي گرڀ مان جنم نٿو وٺي ڇو ته پرماتما سدا سيني جو ماتا پتا ئي آهي. پرماتما جو ڪوبه ماتا پتا ٿي نٿو سگهي. هو منش سرشٽي جو چيتن ٻج آهي ۽ سدائين جنم مرڻ ۽ ڪرم بنڌن کان مُڪت آهي. پر جڏهن سڄي سرشٽي مايا يعني پنجن وڪارن جي چنبي ۾ ڦاسي ٿي پوي(سامهون تصوير ڏسو)، تڏهن منش آتمائن کي پوِترتا، سک ۽ شانتي جو وردان ڏيئي مايا جي چنبي مان آزاد ڪري مُڪتي ۽ جيون مُڪتي جو ايشوري حقي ورثو ڏيڻ لاءِ پرماتما شِو خود هِڪ ساڌارڻ منش جي بُزرگ شرير ۾ پرويش ڪري ٿو. پرماتما شِو جي دِويه جنم يا اَوترڻ جو اِهو ئي نئون ۽ هِڪ ئي طريقو آهي. پرماتما هڪ هڪ يُگ ۾ اَلڳ اَلڳ منشن، جانورن وغيره جي روپن ۾ جنم نٿو وٺي.

## شِوراتري جو تهوار

شِوراتري جو تهوار اَنڌڪارميه پُراڻي دنيا جي پڇاڙي ۽ روشن ميه نئين دنيا جي شروعات جي وچ جي نشاني آهي جڏهن ڪِ پرماتما شِو جو دويه اَوترڻ ٿئي ٿو. دنيا ۾ به شِوراتري جو تهوار هر سال وڪرم سنبت جي پڇاڙي واري ڦڳڻ مهني جي اونداهي پکش جي چوڏس جي رات جو منايو ويندو آهي ۽ اُنهي کان ٿوري ئي وقت کان پوءِ نئين سنبت جي سُهاڻي بهاري موسم شروع ٿيندي آهي. پڳتن جو شِوراتري تي رات جو اوجاڳو ڪرڻ دنيا جي روحاني جاڳرتي جي نشاني آهي ۽ ورت رکڻ وڪارن کي ڇڏڻ جي نشاني آهي.

# شِو ۽ شنڪر ۾ فرق

اَڪثر ڪري شِو جا ڀڳت شِو ۽ شنڪر کي هِڪئي مڃيندا آهن. پر پرم پتا پرماتما شِو، پنهنجي ۽ شنڪر ديوتا جي جيڪا جدا جدا پهچاڻ ڏني آهي ۽ اَنڀوءُ ڪرايو آهي، اُها سامهون تصوير ۾ سمجهايل آهي.

## پرم پتا پرماتما شِو

(1) پرماتما شِو چئتن جوتي بِندو آتما آهي. هن جو ڪوبہ پنهنجو اِسٿول يا سوڪيم شرير ڪونهي.

(2) پرماتما شِو برهما، وشنو ۽ شنڪر جي لوڪ يعني سوڪيم ديو لوڪ کان بہ پري برهم لوڪ (مڪتي ڌام) جو نواسي آهي.

(3) پرماتما شِو برهما، وشنو ۽ شنڪر کي بہ رچڻ وارو آهي يعني "ترمورتي شِو" آهي.

(4) پرماتما شِو، برهما دواران نئين دنيا جي اِسٿاپنا، شنڪر دواران پُراڻي دنيا جو وناش ۽ وشنو دواران نئين دنيا جي پالنا ڪرائي وشوَ جو ڪلياڻ ڪري ٿو.

## مهاديو شنڪر

(1) شنڪر ديوتا سوڪيم پرڪاش ميہ شرير وارو آهي. هنکي "مهاديو" چئجي ٿو نہ ڪِ "پرماتما".

(2) شنڪر سوڪيم ديوتا آهي ۽ هوُ شِو پرماتما جي سوڪيم رچنا آهي. شنڪر رچتا ڪونهي.


(3) شنڪر ڪلپ جي اَنت ۾ پُراڻي دنيا جي مها وناش جو ڪاريہ ڪرائڻ لاءِ نِمت آهي.

(4) شنڪر هن ساڪار سرشٽي ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن بہ روپ ۾ جنم نٿو وٺي.


## پرماتما شِو جو جنم اُتسوَ رات جو ڇو؟

"رات" اَصل ۾ آڌياتمڪ خيال سان اَگيان اَنڌڪار جي نشاني آهي. ڪلهيگ جي اَنت ۾ جڏهن سڄي سرشٽي اَگيان جي نِنڊ ۾ سُمهيل آهي، منش وشئہ وڪارن ۾ ڦاسي وڪاري ۽ پتت بڻجي دک ۽ اَشانتي، روڳ ۽ شوڪ ۾ مبتلا ٿي ايشور کي پُڪارين ٿا تڏهن پتت پاون پرماتما شِو هن سرشٽي تي ڀارت ڀُومي ۾ ايشوري جنم وٺي ٿو. اِنهيءَ ڪري پرماتما شِو جي هن ايشوري جنم کي "شِوراتري" يا "شِو جينتي" نالو ڏنو ويو اهي. سامهون شِوراتري واري تصوير ۾ ڏيکاريل آهي تہ جيئن سج نڪرڻ سان رات جو اَنڌڪار گُم ٿي ويندو آهي تيئن گيان سورج پرماتما جي اَوترڻ سان اَگيان، وڪار ۽ پاپاچار جو نالو نشان هن سرشٽي مان مِٽجي ٿو وڃي ۽ هيءَ سرشٽي وري سورڳ يا ديو ڀُومي بڻجي ٿي وڃي، جِتي سڀ نر نارِيون ديوين ۽ ديوتائن جي روپ ۾ نواس ڪن ٿا. اِنهي ڪري شِوراتري جو مها پرو سڀني پروَن ۾ سرووتم پرو آهي، هيري سمان پرو آهي.


# شِو ۽ شنکر ۾ فرق




| सूक्ष्मलोक निवासी, विनाशकारी, आकारी देवता (रचना) | परमधाम निवासी, कल्याणकारी, निराकार परमात्मा (रचयिता) |
| --- | --- |



هڪ وڏي ڀُل



परमात्मा सर्वज्ञ और सर्वशक्तिमान हैं परन्तु
सर्व व्यापी नहीं
GOD IS NOT OMNIPRESENT
प्रभुजी दुःख हरो
प्रभुजी लाज बचाओ

# هڪ وڏي ڀُل

دنيا جا ماڻهو پرماتما کي ”ماتا - پتا“ ، ”پتت پاون“ ، ”سک، شانتي، آنند جو ساگر“، ”ستيم شِوم سُندرم“ ، ”سدا ڪلياڻڪاري“ وغيره وغيره مڃن ٿا. ”شِو لنگ“ جي پوڄا به ڪن ٿا. پرماتما جي اَوترڻ جو يادگار ”شِوراتري“ به ملهائن ٿا. پيون به گهڻيئي اهڙيون ڳالهيون مڃن ٿا ۽ ڪرم ڪرن ٿا جن مان سِڌ آهي ته پرماتما کي پنهنجي اَلڳ هستي آهي ۽ هو چئتن، سروَ شڪتيوان آهي، گيان جو ساگر آهي وغيره وغيره. بلڪ پرماتما جا به خود مهاواڪيه آهن ته ”مان هِن سرشٽي روپي اُلٽي وڻ جو چئتن ٻج آهيان. مان مٿي رهان ٿو جتي سوريه، چنڊ، ستارن جي روشني به نه ٿي پهچي، مان پرم پُرش (پُرشوتم) ”پرمڌام“ ۾ رهڻ وارو آهيان، نه ڪِ هن جڳت ۾ وياپڪ آهيان، مونکي پرمڌام ۾ ياد ڪريو“. پرماتما جا هي سڀ اوچا ڪرتويه ڪنهن وقت تي ڪيل آهن تڏهن ته هن کي منش وري اَچڻ لاءِ پُڪارين ٿا. اِهو به ڳايل آهي ته ”اوچي ٿي اوچا ڀڳونت، اوچا تيرا نام، اوچا تيرا ٺانو“. پرماتما اِهو واعدو به ڪيو آهي ته جڏهن اَتي ڌرم گِلاني جو وقت اَچي ٿو تڏهن مان پَرائي شرير جو آڌار وٺي اَچان ٿو ۽ پُراڻي وڪاري دنيا جو وناش ڪرائي نئين نِروڪاري دنيا جي اِستاپنا ڪريان ٿو.

هيترين ثابتين جي باوجود، اُهيئي ماڻهو وري چون ٿا ته پرماتما جتي ڪٿي، ڪڻ ڪڻ ۾، جڙ چئتن ۾، اِنسانن جانورن ۾، ڪُتن ٻلن، نانگن ٻلائن، چورن ڌاڙن، نِڪر پٿر وغيره وغيره سڀني ۾ آهي ۽ اُهو ئي اَسان کان سڀ ڪُجھ ڪرائي ٿو! سک به اُهوئي ڏئي ٿو، دک به اُهوئي ڏئي ٿو! ڇا، پرماتما جي لاءِ هيءَ هڪ وڏي گُستاخي، بي شڪرائي، بلڪ بي عزتي جي ڳالھ ڪونهي؟ جيڪڏهن پرماتما سروَوياپڪ هجي ته دنيا جو هيڏو دکي، اَشانت، وڪاري، اَپوِتر ۽ ڪُڪرمي بڻجڻ ته هڪدم ناممڪن آهي! پرماتما هرهڪ جي شرير ۾ ويهي اُلٽا سُلٽا ڪرم ويٺو ڪري ڇا!

اِنهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته پرماتما جي لاءِ اَٽوٽ پريم ڀاونا ۾ اَچي ڀڳتن پُڪاريو آهي ته ”ڀڳوان ته منهنجي دل ۾ سدا وسي پيو، مان جتي ڪٿي ڀڳوان کي ئي پيو پسان“، وغيره. اِهو ته ڪنهن سان پيار هوندو آهي ته چئبو آهي ته ”تون ته منهنجي دل ۾ سدا وسين پيو“. اِنهي جو مطلب اِهو ڪونهي ته هو ڪو دل ۾ اَندر ويٺو آهي يا سيني هنڌ حاضر آهي. ڪابه شيءِ ڪٿي موجود هوندي ته اُنهي جو گڻ اُتي ضرور موجود هوندو. سامهون تصوير مان ثابت ٿئي ٿو ته پرماتما سروَوياپڪ ڪونهي.

پرماتما جو نالو، روپ، رهڻ جو اِستان، اَوترڻ جو وقت، ڪرتويه وغيره سڀ نشچت آهن جيڪي هن پُستڪ ۾ سمجهايا ويا آهن، پر اِهو گيان نه هئڻ سبب، ڪو به منش پتا پرماتما سان پريم نٿو ڪري سگهي، سنبنڌ(يوگ) نٿو جوڙي سگهي، پرماتما کان ورثو نٿو پائي سگهي.

# سرشٽي روپي عجيب اُبتو وڻ

پرم پتا پرماتما سرشٽي روپي وڻ جي ٻيج هڪ اُبتي وڻ سان ڪئي آهي. ساڌارڻ وڻ جو ٻيج تہ ڌرتي ۾ پوکيو ويندو آهي ۽ وڻ مٿي آُپرندو آهي. پر منش سرشٽي روپي وڻ جو جيڪو اَوناشي چئتن ٻيج نراڪار پرم پتا پرماتما شِو آهي اُهو خود مٿي پرمڌام يا برهم لوڪ ۾ رهي ٿو ۽ سرشٽي هڪ اُبتي وڻ مثل هيٺ وڌندي رهي ٿي.


سامهون تصوير ۾ سڀ کان هيٺ ڪلهيگ جي پڇاڙي ۽ ستيگ جي شروعات جو سنگم ڏيکاريل آهي جتي سفيد ڪپڙن وارا پرجاپتا برهما، جڳدمبا سرسوتي ۽ ڪُجھ برهمڻيون ۽ برهمڻ سهج راج يوگ جي اَوستا ۾ ڏيکاريل آهن. هن ۾ اِهو راز ڏيکاريل آهي تہ ڪلهيگ جي پڇاڙي ۾ اَگيان روپي رات جي وقت سرشٽي جو ٻيج روپ، ڪلياڻڪاري، سروَشڪتيوان پرم پتا پرماتما شِو نئين پوِتر دنيا رچڻ لاءِ پرجاپتا برهما جي تن ۾ پرويش ڪري اُنهي جي مُک ڪمل دواران موُل گيتا گيان ۽ سهج راج يوگ جي سکيا ڏئي ٿو جنهن سان اَنيڪ نر نارِيون برهما جي گود جا ٻچا پوِتر سچا"برهمڻ ۽ برهمڻيون" بڻجن ٿا جن کي "شِو شڪتيون" بہ چيو وڃي ٿو. جڻ تہ هو نئون ايشوري جنم وٺن ٿا. هن ننڍي يُگ کي " پُرشوتم سنگم يُگ" ، "ڌرمائو يُگ" يا "گيتا يُگ" ڪونيو وڃي ٿو. اُنهي ڪانپوءِ سرشٽي ۾ ڦيرو اَچي ٿو ۽ ستيگ شروع ٿئي ٿو.

اَهڙي طرح گيان ۽ يوگ دواران پوِتر بڻيل برهمڻ آتمائون ستيگ ۾ سوريونسي سري لڪشمي، سري نارائڻ وغيره ديوي ديوتائن جي روپ ۾ اَٽل، اَکنڊ، نروگهن دائمي سُک سمپن دئوي راڄ ڪن ٿيون. اُنهي وقت ڪام ڪروڌ وغيره وڪارن جو، لڙائي ماراماري جو يا اَشانتي دُک جو نالو نشان گُم هو. سڀ سدا تندرست، ڌنوان ۽ سُکي، جيون مُڪت ديوتائون هئا. هنن جي عمر اَٽڪل 150 سالن تاءِ رهندي هئي. اُهو يُگ 1250 سال هليو جنهن ۾ ديوتائن جي 8 پيڙهين جو راڄ هليو.

تنهن ڪانپوءِ ترِيتا يُگ ۾ 14 ڪلا سمپورڻ سري سيتا ۽ سري رامچندر جي چندرونسي ونساولي جي 12 پيڙهين تاءِ راڄائي 1250 سال هلي. ستيگ ۽ ترِيتا جو آدي سناتن ديوي ديوتا ڌرم ئي هن منش سرشٽي روپي وڻ جو مکيہ ٿُڙ آهي.

دواپر يُگ کان وٺي منشن ۾ ديھ اَيمان ۽ ڪام ڪروڌ وغيره وڪارن پرويش ڪيو ۽ ڪلهيگ جي پڇاڙيءَ تاءِ سيئي تموپرڌان ۽ آسُري سڀاءُ وارا بڻجي ويا. سرشٽي ۾ دُک ۽ اَشانتي جو راڄ شروع ٿي ويو. اُن کان بچڻ لاءِ منشن پوڄا ۽ ڀڳتي ڪرڻ شروع ڪئي. رِشي مُني شاستر لِکڻ لڳا ۽ يگيہ تپ پڙ شروع ٿي ويا. پر ستيگ ۽ ترِيتا يُگ جي ستوگڻي دئوي دنيا، وئڪنٺ، سورڳ جي ڀيٽ ۾ دواپر ۽ ڪلهيگ جي سرشٽي کي نرڪ چيو وڃي ٿو.

# سرشٽي روپي عجيب اُبنو وڻ



پرماتما سان ملڻ لاءِ گُپت پُرشوتم سنگم یُگ



# پرماتما سان ملڻ لاءِ گُپت پُرشوتم سنگم يُگ

دنيا ۾ منش گهڻنئي قسمن جو پُرشارٿ ڪري پوڄا پاٺ، دان پُنُ، گنگا جمنا اِشنان وغيره ڪري پاڻ کي پوِتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. هو سمجهندا آهن ته اِنهي ڪرم ڪانڊ ڪرڻ سان منش پوِتر بڻجي ويندو ۽ پرم پد کي پراپت ڪندو. خاص ڪري ڪن ڪن مهنن يا ڏينهن کي هو مهتوَ ڏيندا آهن، جيئن پُرشوتم مهني کي ڌرمائو مهنو سمجهي ملهائيندا آهن.

اَصل ۾ "پُرشوتم" اَکر پرم پتا پرماتما سان ئي لڳي ٿو. جيئن آتما کي "پُرش" به چيو ويندو آهي تيئن پرماتما جي لاءِ "پرم پُرش" يا "پُرشوتم" اَکر چوڻ ۾ ايندو آهي چو ته هو سيني "پُرشن" آتمائن کان گيان، شانتي، پوِترتا ۽ شڪتي ۾ اُتم آهي. اِنهي ڪري پرماتما جي اَوترڻ جي سمير کي "پُرشوتم سنگم يُگ" ڪوٺيو ويندو آهي جنهن جو گُپت راز سامهون تصوير ۾ سمجهايو ويو آهي. اُنهي ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته ڪيئن ڪلهيگ جي اَنت ۽ ستيگ جي شروعات جي سنگم جي وقت پرجاپتا برهما، جڳدمبا سرسوتي ۽ ڪُجھ برهماڪماريون ۽ برهماڪمار پرم پتا پرماتما شِو سان يوگ لڳائي رهيا آهن. هن راج يوگ جي اَڀياس سان ئي منش جي من جي مئل صاف ٿئي ٿي ۽ اَنيڪ جنمن جا پاپ ڪرم ڀسم ٿين ٿا ۽ سنسڪار ستوپردان بڻجن ٿا. هن راج يوگ جي طريقي کي "اَوناشي گيان يگير" به چيو وڃي ٿو جنهن جي سوکيم آگ ۾ نر ۽ ناري پنهنجن سيني وڪارن کي ڀسم ڪندا ڏيکاريا ويا آهن. اَهڙي طرح پنهنجي جيون پوِتر ۽ ستوپردان بڻائڻ سان ناري سا سري لڪشمي ۽ نر سو سري نارائڻ يعني منشن مان ديوي ديوتا بڻجي پون ٿا.

پرم پتا پرماتما جي اَوترڻ جو وقت پُرشوتم سنگم يُگ ڪانسوءِ ٻيو ڪو ٿي نٿو سگهي. چو ته اَهڙي وقت ۾ ئي سروَ شڪتيوان پرماتما جي ضرورت آهي جو گهوڙ ڪلهيگي، وڪاري، تموگڻي، بيحد دکي ۽ اَشانت دنيا کي بدلي ڪري سمپورڻ سُکي، نروڪاري، ستوگڻي، بيحد شانت واري دنيا بڻائي. سڄي ڪلپ(پنجن هزارن وَرهين جي چڪر) ۾ هيءُ هڪڙو ئي موقعو آهي جو منش آتمائن جو مُڪاميلو پنهنجي سچي پتا پرماتما سان ساڪار ۾ ٿي سگهي ٿو ۽ هو پرماتما کان پنهنجو سچو سچو 21 جنمن جو ايشوري سک، شانتي ۽ پوِترتا جو حق، سورڳ جي سمپورڻ راڄائي، پراپت ڪري سگهن ٿا. ٻئي ڪنهن به وقت اِها پراپتي نٿي ٿي سگهي! هرهڪ يُگ ۾ يعني "يُگي يُگي" پرماتما جو اَوتار وٺڻ بلڪل ناممڪن آهي!

# اِنسان جي 84 جنمن جي دلچسپ ڪهاڻي

منش آتما سڄي ڪلپ ۾ وڌ ۾ وڌ 84 جنم وٺي ٿي نه ڪِ 84 لک جوڻين ۾ پُنرجنم وٺندي اَچي ٿي. سامهون تصوير ۾ منش ماتر جي آدي پتا پرجاپتا برهما ۽ جڳدمبا سرسوتي آدي ماتا جا 84 جنم ڏاڪڻ جي 84 ڏاڪن جي روپ ۾ ڏيکاريل آهن. ٻين منش آتمائن جي 84 جنمن جو به ورڻن اُنهي ۾ اَچي ٿو وڃي. جيئن ته ستيگ جي 1250 سالن ۾ سري لڪشمي ۽ سري نارائڻ جا 100 سيڪڙو پوِترتا، سک، شانتي ۽ تندرستي جا 8 جنم ڏيکاريل آهن. اُنهي ڪري ڀارت ۾ " 8 " آنڪ شُڀ مڃيو ويندو آهي. گهڻئي ماڻهو صرف اُنن مڻڪن جي مالها جپيندا آهن ۽ اَشٽ ديوتائن جي پوڄا ڪندا آهن.


اُنهي کانپوءِ ترتيا يُگ جي 1250 سالن ۾ 14 ڪلا سمپورڻ سري سيتا ۽ سري رام جي نڪل ۾ پوڄيه راڄا راڻي يا ڌنوان پرجا جي روپ ۾ 12 جنم ڏيکاريل آهن. هڪ جنم ته سنگم يُگ جو ڳڻيو ٿو وڃي. اُنهي ڪري ڪُل 2500 سالن ۾ 21 جنم سمپورڻ پوِتر، سک، شانتي ۽ تندرستي سان ڀرپور ٿين ٿا. اِنهي ڪري مشهور آهي ته گيان جي دوارا اِنسان جا 21 جنم يا 21 پيڙهيون سُڌري ٿيون وڃن يا منش 21 پيڙهين لاءِ تري ٿو وڃي.

دواپر يُگ جي شروعات کان وٺي ڀڳتي ۽ پوڄا ڪلهيگ جي اَنت تاءِ 2500 سال هلي ٿي. اُنهي ۾ دواپر يُگ ۾ 21 جنم ۽ ڪلهيگ ۾ 42 جنم، ڪُل ملائي 63 جنم ٿين ٿا. اُهيئي ديوتائون سري لڪشمي، سري نارائڻ وغيره ٻين ٻين سرين ۾ جنم وٺندا پنهنجي اَصلي سوروپ جي وسمرتي هئڻ ڪري ڀهريائين ته نراڪار پرم پتا پرماتما شِو جي هيري جي تصوير نهرائي تمام شرڌا سان اُنهي جي پوڄا شروع ڪن ٿا ۽ اَڳتي هلي سوڪيم ديوتائن برهما، وشنو ۽ شنڪر جي پوڄا شروع ڪن ٿا. جيڪي اَڳي خود پوڄيه ديوتائون هئا اُهي هينئر اَگيان ۽ وڪارن جي چڪر ۾ اَچي پنهنجن ئي پُتلن جا پوڄاري بڻجي پون ٿا. پر وري به خود ٻين ٻين نالن ۽ روپن سان راڄائي ڪُلن ۾ يا اُتم ڀڳتن جي ڪُلن ۾ دواپر ۾ 21 جنم ۽ ڪلهيگ ۾ 42 جنم وٺندي ڏينهون پوءِ رجوگڻي ۽ تموگڻي اَوستائن مان گذرندي، سُکن جي بدلي ڏُکن ۽ اَشانتي ۾ ڦاسڻ جي ڪري جڙ تتوَن هوا پاڻي باه ڌرتي وغيره جي پوڄا ڪندي سيني وڪارن ۾ به ڦاسي پون ٿا ۽ آخر پنهنجي 84وين جنم ۾ ڪلهيگ جي پڇاڙي ۾ وري پرم پتا پرماتما شِو جي دوارا پُراڻي سمرتي پراپت ڪري پنهنجي جيون ۾ پورو ئي پلٽو کائي سمپورڻ نروڪاري بڻجڻ ڪري جڳدمبا سرسوتي ۽ پرجاپتا برهما جي نالي سان مشهور ٿين ٿا. اَهڙي طرح سڄي 84 جنمن جي ڏاڪڻ لهي وري واپس پرمڌام مان پاس ٿي اُهائي شروعات واري ستيگ جي راڄائي پراپت ڪن ٿا. اُنهي کي ئي برهما جو ڏينهن ۽ رات چيو وڃي ٿو.

# اِنسان جي 84 جنمن جي دلچسپ ڪھاڻي



# منش آتما 84 لک جوڻيون نٿي وٺي



# منش آتما 84 لک جوڻيون نٿي وٺي

پرم پريه پرم پتا پرماتما شِو هن وقت جيڪي اَسانکي ايشوري گيان جا اَنيڪ مڌُر رهسيه سمجهايا آهن اُنهن ۾ هڪ هيءَ به نئين ڳالهه سمجهائي ويئي آهي ته منش آتمائون ڪڏهن به جانورن جي جوڻي ۾ جنم نٿيون وٺن. اَسان لاءِ هيءَ ڪهڙي نه خوشيءَ جي ڳالهه آهي. پر گهڻن ئي منشن جو وشواس آهي ته منش آتمائون پاپ ڪرم چوري ٺڳي خونريزي وغيره ڪرڻ جي سزا جانورن، پسن، پکين ۽ ڪيڙن جهڙين 84 لک جوڻين ۾ جنم وٺي ڀوڳين ٿيون. هو چون ٿا ته جانورن وغيره جون جوڻيون نيچ آهن ۽ سزائن ڀوڳڻ جون جوڻيون آهن ۽ منش جي جوڻي اوچي ۽ اَمولڪ آهي، ڌرم ۽ پُڃ جي ڪرمن ڪرڻ سان ئي تمام ورلي ملي ٿي. ته سوال آهي ته اُهي ڌرم ۽ پُڃ جا ڪرم ڪير ڪندو جو منش جو اَمولڪ جنم اُنهي کي ملي؟ ڇا، جانور ڌرم ۽ پُڃ جا ڪرم ڪندو؟ جانورن کي ته ڌرم ۽ پُڃ جو علم ئي ڪونهي جو اَهڙا ڪرم ڪن جو منش جو جنم وٺن!

ڏٺو وڃي ٿو ته منش چولي ۾ ئي ڪڏهن دک ته ڪڏهن سک ڀوڳيو وڃي ٿو. اِئين ته آهي ڪونه ته منش جوڻي ۾ سدا سک ئي سک آهي ۽ جانور جوڻي ۾ سدا دک ئي دک آهي. ڪيترا منش سک ڀوڳيندي ڀوڳيندي وري دک ۽ اَشانتي به ڀوڳين ٿا. ڪن جانورن، پکين وغيره کي منشن کان به سُٺي ۽ پيار ڀري پالنا پيئي ملي. ڇا ته هو محلن ۾ رهيا پيا آهن، اُنهن کي خاص کاڌا پيتا پيا ملن، آرام سان موٽر گاڏين ۾ پيا گهمن. ڪي ته وري روٽي ٽُڪر لاءِ دَر دَر پيا ڀٽڪن. دنيا ۾ ڪي منش گُونگا، اَنڌا، ٻوڙا، لُولا لنگڙا، ڪوڙهيا، ٻُکيا، ننگا ۽ ڪنگال به آهن، ڪي ته دک وچان آپگهات به ڪري ڇڏيندا آهن. ته اُها خراب ڪرمن جي سزا جڏهن منش جوڻي ۾ ئي ملي رهي آهي ته جانور جو سرير وٺڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي، جڏهن ڪِ ٻنهي جوڻين ۾ سک دک ملي ٿو؟

**جهڙو ٻج تهڙو وڻ ۽ ڦل :-** اَڪ جي ٻج مان ڪڏهن اَنب پيدا ٿيو! منش آتما جو ٻج اَلڳ، جانورن، پسن، پکين وغيره جا ٻج اَلڳ اَلڳ آهن. هر هڪ پنهنجي پنهنجي جوڻي ۾ سک ۽ دک ڀوڳي ٿو. پرم پتا پرماتما شِو جا مهاواڪيه آهن ته دک ۽ سک جو ڪارڻ آهن ڪرم. ڪرمن جي گت ڏاڍي ڳُجهي آهي. هر هڪ آتما جهڙو ٻج پنهنجي ڪرمن سان ڀوڳي ٿي تهڙو هنجو دُکي يا سُکي جيون بڻجي ٿو. باقي منش جانور بڻجن ۽ جانور منش بڻجن، اَهڙيون ڳالهيون صرف منشن کي خراب ڪرمن ڪرڻ کان باز آڻڻ لاءِ ڊيڄارڻ جي ويچار سان اَسان جي ٻُزرگن، دُوراندیشي سان لکيون ۽ ٻُڌايون آهن. باقي منش ڪڏهن به جانور نه بڻيو آهي نه بڻجندو. پر هن ڪلهيگ جي پڇاڙي جي وقت ۾ منش پنهنجي مانَوتا وساري جهنگلي جانورن کان به بدتر هئڻ ڪري پنهنجي ئي اِنسان ذات کي خونا خون ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳل آهن. اُنهيءَ موجب حساب ڪجي ته سيئي منشن کي جانورن، پسن ۽ ڪيڙن جي جوڻي ۾ وڃڻ کپي.

# سرشٽي ناٽڪ جو رچنا ۽ هدايتڪار(Director) ڪير آهي؟

هيءَ منش سرشٽي، پرڪرتي ۽ پُرش(آتمائن) جو هڪ اَنادي ٺٽيل ٺٽايل کيل آهي. سرشٽي چڪر چئن هڪ جيڏن حصن ۾ ورهايل آهي : ستيگ، تريتا يُگ، دواپر يُگ ۽ ڪلهيگ. هن ناٽڪ جي اِسٽيج تي پهريائين ستيگ ۽ تريتا يُگ جا سندر نظارا سامهون اَچن ٿا. اُنهي وقت سرشٽي ۾ هڪ ئي "آدي سناتن ديوي ديوتا ڌرم ۽ ڪُل" جو پارٽ هلي ٿو ۽ اُنهي ڌرم جون آتمائون پوِترتا جي طاقت موجب نمبروار پرمڌام مان اَچن ٿيون. اُنهي وقت سڀ منش ايڪتا ۽ پيار جي ستوگڻي سياءَ وارا آهن. باقي ٻين سيني ڌرمن جون آتمائون اُنهي وقت پرمڌام ۾ ئي رهيل آهن.

سرشٽي ناٽڪ جي نيم موجب دواپر يُگ ۾ هن ڌرم جي رجوگڻي اَوستا اَچي ٿي ته اِبراهيم دواران اِسلام ڌرم جي، ٻُڌ دواران ٻوڌي ڌرم جي ۽ يسوُمسيح دواران عيسائي ڌرم جي اِستاپنا ٿئي ٿي. اُنهن چئن مکيه ڌرمن جا چار ڌرم پِتا هن سرشٽي ناٽڪ جا مکيه اَئڪٽر آهن ۽ اُنهن ڌرمن جا شاستر ئي مکيه شاستر آهن. اُنهي ڪانسواءِ پوءِ ٻين مکيه ڌرمن جا اِستاپڪ به اَچي پنهنجا ڌرم اِستاپن ڪن ٿا. سنياس، جئن، مُسلم، سِک ڌرم جا اِستاپڪ به مکيه ڌرم پِتا آهن. اُنهي کانپوءِ ڪلهيگ جي پڇاڙيءَ تاءِ اَنيڪ ڌرم، مٺ، پنٿ، سماج وغيره اِستاپن ٿيندا رهن ٿا جن جا پنهنجا پنهنجا ڌرم اِستاپڪ به هن سرشٽي ناٽڪ جا مکيه اَئڪٽر آهن.

ڪلهيگ جي اَنت ۾ سرشٽي چڪر جي قاعدي موجب جڏهن آهستي سيني ڌرمن ۽ مٺن پنٿن سماجن ۾ اَلگ اَلگ مت متانتر هئڻ ڪري نفاق پيدا ٿي ٿو وڃي ته اُنهن ۾ هڪ ٻئي سان دويت ڀاءُ، جهڳڙو، لڙائي، فساد ماراماري هئڻ ڪري سيني ۾ گِراوٽ اَچي وڃي ٿي جنهنجي ڪارڻ سڄي دنيا ۾ دک ۽ اَشانتي تمام وڌي وڃي ٿي ۽ سيني ڌرمن وارا منش پرماتما کي ڌرتي تي اَچڻ لاءِ پُڪارين ٿا ته اَچي هن دنيا جو اُڌار ڪريو. تڏهن اَنادي ٺٽيل ٺٽايل کيل جي اَٽل قاعدي موجب، هن سرشٽي ناٽڪ جو اَصلي هدايتڪار(Director) ۽ مکيه کيلاڙي، پرم پِتا پرماتما شِو، خود وري پرجاپتا برهما جي تن ۾ پرويش ڪري ٿو.


**سرشٽي ناٽڪ جي تواريخ جو وري دُهرائڻ :-** سامهون چِتر ۾ ڏيکاريل آهي ته ڪلهيگ جي پڇاڙي ۾ پُراڻي پرشٽاچاري دُکي ۽ اَشانت دنيا جو خاتمو ٿيڻ کانپوءِ جڏهن ٻين سيني ڌرمن پنٿن وغيره جون سڀ آتمائون واپس پرمڌام ۾ موٽي وڃي شانتي پائين ٿيون تڏهن وري ستيگ جي اِستاپنا پرم پِتا پرماتما شِو برهما دواران ڪرائي ٿو ۽ وري اُهيئي شروعات واريون آدي سناتن ديوي ديوتا ڌرم جون آتمائون هن سرشٽي روپي اِسٽيج تي اَچي پنهنجو اَڳوٽو پارٽ شروع ڪن ٿيون.

اَهڙي طرح سرشٽي چڪر هوُبهوُ وري ڦرڻ شروع ڪري ٿو ۽ پنجن پنجن هزارن ورهين کانپوءِ وري هوُبهوُ ڦرندو ئي رهي ٿو.

## سرشٽي ناٽڪ جو رچتا ۽ هدايتڪار (Director) ڪير آهي؟



## ڪلهيگ هينئر ٻچو ڪونهي پر ٻُڍو ٿي ويو آهي



## ڪلهيگ هينئر ٻچو ڪونهي پر ٻڍو ٿي ويو آهي. هن جو وناش نزديڪ آهي ۽ جلد ئي ستيگ اُچڻ وارو آهي.

گهڻئي ماڻهو سمجهن ٿا تہ ڪلهيگ هينئر ٻار آهي ۽ اڃان لکون سال هلندو. شاستر بہ چون ٿا تہ وناش ۾ تہ اڃا گهڻو ئي وقت پيو آهي. پر ڄاڻي ڄاڻٽهار پرم پتا پرماتما شِو جا مهاواڪيہ آهن تہ هي وِنسو، سرشٽي جي مهاوناش جو وقت اچي چُڪو آهي.

هينئر سڀ منش ڏسي رهيا آهن تہ سڄي دنيا ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موہ، اَهنڪار، ايرشا، دويش وغيره جي باه ۾ سڙي رهي آهي. سرشٽي جي مهاوناش لاءِ اٽو بم وغيره بہ تيار ٿي چُڪا آهن. چئن ئي پاسي جهڳڙي، لڙائي، مارا ماري، فساد جو وايو منڊل ڇانيل آهي. ڪلهيگي سرشٽي پڇاڙيءَ جي سُواس ۾ آهي ۽ موت جي سيڄا تي ليٽيل آهي. اُميدن جي آڌار روپي آڪسيجن تي هلي رهي آهي. (سامهون چتر ڏسو)

اَڄڪلهہ تہ سائنسدان ۽ پڙهيل ماڻهو بہ ٻڌائين ٿا تہ ٿورڙئي وقت ۾ آدمشماري تيزي سان واڌ ڪائڻ ڪري ۽ ٻئي پاسي اَناج جي پئداوار جي ڪميءَ جي ڪري ڀيانڪ ڏڪر پوڻ جو اِمڪان آهي. وايو منڊل بہ زهريلي گئس وغيره سان ڀرجندو پيو وڃي. ٿوري ئي وقت ۾ زمين مان پيٽرول، ڪوئلا وغيره نڪرڻ بند ٿي وڃڻ جو بہ ڀپ آهي. ڪي چون ٿا تہ ڌرتي تي برف وڌيڪ پوڻ ڪري اَهڙي ٿڌ ٿي ويندي جو اِنسان جو رهڻ ئي مشڪل ٿي پوندو. وغيره، وغيره.

اَهڙين حالتن هيٺ لکون سال ڪلهيگ هلڻ بلڪل ناممڪن آهي. جيڪي اِهو مڃين ٿا اُهي هي سڀ حالتون ڏسندي بہ جڻ تہ اَکيون بند ڪري ويٺا آهن. اَهڙي وقت تي هڪ خوشخبري منشن کي ٻڌائي ٿي وڃي تہ ايندڙ مهاوناش کان اَڳير ئي پرم پتا پرماتما شِو جي دواران ڪلپ (پنج هزار سال) اَڳي وارو اَشوميڌ اَوناشي گيان يگيہ رچجي چُڪو آهي جنهن جي دواران سهج راج يوگ ۽ اَوناشي گيان جي اَملهہ سکيا وٺي جيون کي ستوپرڌان پوِتر بڻائڻ لاءِ ۽ ستيگي نئين دنيا اِستاپن ڪرڻ لاءِ اَنيڪ ڀائرن ڀينرن جو پرشارٿ هلي رهيو آهي. پرم پتا پرماتما شِو جا مهاواڪيہ آهن تہ اَنيڪ اَڌرم وناش ۽ هڪ ئي اَصل آدي سناتن ديوي ديوتا ڌرم جي وري اِستاپنا ڪرڻ لاءِ مان اَوترت ٿي چُڪو آهيان.

هاڻي جيڪي اِنسان هن ايشوري سنديش کي هڪڙي ڪن سان ٻڌي ٻئي ڪن مان ڪڍي ٿا ڇڏين اُنهن جو ئي نالو "ڪُنڀڪرڻ" ڳايو ويو آهي. اِنهي ڪري جيڪڏهن ڪوبہ اِنسان هن سونهري موقعي جو فائدو وٺي پنهنجو جيون پوِتر ديوي ديوتائن وانگر سدا سک ۽ شانتي سمپن بڻائڻ چاهي تہ اُنهي کي هن اَوناشي ايشوري گيان ۽ راج يوگ جي سکيا ڌارڻ ڪري پتت مان پاون بڻجي پنهنجو اوچو ڀاڳيہ بڻائڻ لاءِ نينڊ ڏني ٿي وڃي.

# راوڻ کي 10 مٿا ھئا ڇا؟ راوڻ ڇا جي نشاني آھي؟

ڀارتواسي ھر سال راوڻ جو ٻُت ٺاھي ساڙيندا آھن. ڪنن جو وشواس آھي تہ ھڪ ڏھن مٿن وارو راوڻ لنڪا جو راجا ھو. ھو تمام وڏو راڪاس ھو ۽ ھن سوڀاڳيوتي سيتا کي ڀڄايو ھو. ھو اِھو بہ مڃن ٿا تہ راوڻ تمام وڏو ڀڳت ۽ ودوان بہ ھو. اِنھي ڪري ھنجي ھٿ ۾ ويد شاستر ڏيکارين ٿا. گڏوگڏ ھن جي مٿي تي وري گڏھ جو سِر بہ ڏيکارين ٿا، جنھنجو مطلب ھو اِھو ٿا ڪين تہ ھو ھٺيلو ۽ بي دماغ ھو.

پر ھينئر پرم پتا پرماتما شِو سمجھايو آھي تہ راوڻ ڪو ڏھن سِرن وارو راڪاس ڪونہ ھو. اَصل ۾ راوڻ ٻُرائين جي ھڪ نشاني ڏيکاري ويئي آھي. راوڻ جا پنج سِر پُرش جي ۽ پنج سِر اِستريءَ جي وڪارن جي نِشاني آھي. ھن جو پُتلو ھڪ اَھڙي سماج جي نِشاني آھي جو اَھڙن وڪاري نر نارين جو سماج آھي. اُنھي سماج جا اِنسان ڀل شاستر ويد پڙھيل ۽ وگيان ۾ ھوشيار آھن پر ھو ھِنسا ۽ ٻين سيني وڪارن جي وَس ۾ آھن. ھو اُلٽا اَھنڪاري بڻجي پيا آھن ۽ ھنن جا ڪَن ڀلائي جي سکيا لاءِ بند آھن.

راوڻ اَکر جو مطلب ئي آھي روئارڻ وارو. اِنھي ڪري ھيءَ ھِڪڙي خراب ڪرمن جي نشاني آھي، ڇو تہ ٻُرا ڪرم ئي منش جي جيون ۾ دک ۽ آنسون آڻين ٿا. سيتا جو چورائڻ جو بہ مطلب آھي آتمائن جي شُڌ سنسڪارن تي حملو ڪرڻ. اِنھي ريت "ڪُنڀڪرڻ" سُستيءَ جي ۽ "ميگھناٿ" گارين ڏيڻ وارن منشن جي نشاني آھي.

اِنھي خيال سان اَسين چئي سگھون ٿا تہ دنيا ۾ دواپر ۽ ڪلھيگ ۾ 2500 سالن تائين راوڻ جو راڄ ھلي ٿو. اَھڙو وقت ھينئر ھلي رھيو آھي. منش آتمائون اَنيڪ پوڄا پاٺ ڪندي ۽ شاستر وغيره پڙھندي بہ وڪاري، اَڌرمي ۽ ڀرشٽاچاري آھن. سنساري ساڌنن جا طريقا، ڌن سمپتي جي ڪمائي ۽ دُنيوي سک سڀ ڪُجھ ھوندي بہ روڳ، اَفسوس، اَشانتي، ڪلھ ڪليش، لڙائي جھڳڙا سيني ھنڌ ڦھليل آھن. اِنسان جو کاڌو پيتو مليڇن ۽ راڪاسن جھڙو ماس مڇي، شراب، سگريٽ وغيره تي پيو آھي. ملاوٽ، اَڌرم، رشوتخوري، ڪوڙ ڪپٽ ۽ ڪاري ڌنڌي جو بول بالا آھي. اِنھي ڪري ھن وقت کي بيشڪ "راوڻ راڄ" چئي سگھجي ٿو ۽ ھن ئي وقت پرم پتا پرماتما شِو گيتا ۾ پنھنجي ڪيل وچن موجب سھج گيان ۽ راڄ يوگ جي سِکيا وري ڏيئي رھيو آھي ۽ منش آتمائن کان سندن ٻُرائيون ۽ وڪار ختم ڪرائي دئوي گُڻن جي ڌارڻا ڪرائي کين ديوي ديوتا بڻائي رھيو آھي.

اِنھي ڪري سيني کي ھيءَ سچ، ڌرم ۽ نروڪاري جيون جي راہ وٺي پرماتما جي ھن مھان ڪاريہ کي اَڳيان وڌائڻ کپي جيئن دنيا ۾ سک ۽ شانتي اِستاپن ٿي وڃي، جنھن کي ئي "رام راڄ" چئجي ٿو.

## راوڻ کي 10 مٿا ڇو ڏيکاريا ويا آهن؟ راوڻ ڇا جي نشاني آهي؟



# منش جيون جو مقصد ڪهڙو آهي؟



# منش جيون جو مقصد ڪهڙو آهي؟

سامهون چتر ۾ ڏيکاريل آهي ته ستيگ جي سري لڪشمي ۽ سري نارائڻ جو سمپورڻ سُک ۽ شانتي ميہ، ڌن ڌانيہ سمپن پد ئي منش جي لاءِ وڏي ۾ وڏو پد آهي. هنن جي راڄائي ۾ نه ٻي ڪا راڄائي هئي، نه ٻيو ڪو ڌرم هو ۽ نه ٻي ڪا ڀاشا وغيره هئي. ستيگ ۽ تريتا يُگ ۾ ڪنهن به منش جو ٻي وقتو موت ڪونه ٿيندو هو. هر هڪ منش جو شرير سدا نروڳي هوندو هو. هنن جي خزاني ۾ ڪنهن به ڌن پدارٿ جي ڪمي ڪونه هوندي هئي. اُنهي وقت جي منشن کي سروگڻ سمپن، 16 ڪلا سمپورڻ، سمپورڻ نروڪاري، مريادا پُرشوتم، اَهنسا پرموڌرم ديوي ديوتا جو لقب ڏنو ويو آهي.

اِنهي ڪري هِن وقت جي دکي ۽ اَشانت منشن جي دل ۾ اِها آش ضرور رهندي آهي ۽ مقصد به اِهو رهندو آهي ته اَسين به اَهڙو سدا سک ۽ شانتي وارو اوچ پد پراپت ڪريون. ڪنهن منش جو ڪو پيارو دوست يا مٽ مائٽ شرير ڇڏيندو آهي ته هو چوندو آهي ته ”فلاڻو سورڳواسي ٿي ويو“ ، يعني هو هن دکي دنيا کي ڇڏي سکي دنيا ۾ ويو. پر هو سچ پچ ڪيڏانهن ويو يا جيڪي به منش شرير ڇڏين ٿا اُنهن جو آئيندو ڇا آهي، اُنهي جو گيان ڪنهن کي به ڪونهي.

منش جي هن وقت جي جيون تمام اَملهه آهي ڇو ته جيئن اَڳي سمجهايو ويو آهي ته هن سنگم يُگ ۾ ئي منش سڀ کان سريشٽ پرشارٿ ڪري جنم جنمانتر جي لاءِ مٿي ڏيکاريل ستيگي ۽ تريتائيگي اوچ ٿي اوچ سدا سکي ۽ شانتي وارو پد تمام سولائي سان پراپت ڪري سگهي ٿو. اِنهي ڪري هن جنم کي ”هيري جهڙو جنم اَمولڪ“ ڳايو ويو آهي. منشن جي اِڇا به اِهائي آهي. پر اُنهيءَ جو گيان نه هئڻ ڪري، هو پنهنجي اَهڙي اوچي مقصد کي ڇڏي پنهنجي جيون وشئہ وڪارن ۾ وڃائي رهيا آهن. هو اَلپ ڪال ڪڻ ڀنگر سک جي پراپتيءَ لاءِ وڏن وڏن پدن جي پٺيان پنهنجو وقت، طاقت ۽ ڪمائي وڃائي پنهنجي جيون به جوکي ۾ وجهي رهيا آهن. نتيجي ۾ ٻيو ئي دک، اَشانتي ۽ ٻُريون عادتون واڌ ڪائينديون وڃن ٿيون ۽ مِلين ڪُجھ به ڪونه ٿو. جيئن رُڄ جي پاڻي جي پٺيان ڊوڙندي هرڻ جا پراڻ به نڪري ويندا آهن.

اِنهي ڪري سڀني نر نارين کي ايشوري سنديش ڏنو ٿو وڃي ته پنهنجي اوچ مقصد کي پراپت ڪرڻ لاءِ ۽ جنم جنمانتر جي ڪلياڻ لاءِ روز هڪڙو به ڪلاڪ ڪڍي هن ايشوري وشو وديالیہ ۾ اَچي ايشوري گيان ۽ سهج راج يوگ جي سکيا پراپت ڪريو. هينئر نه ته ڪڏهن به نہ، ڇو ته خود گيان ساگر پرم پتا پرماتما دواران ڏنل هيءُ اَصلي گيتا گيان سڄي ڪلپ جي چڪر ۾ هڪ ئي دفعو هن ڪلياڻڪاري سنگم يُگ ۾ حاصل ڪري سگهجي ٿو.

# ٿوريئي وقت ۾ سري ڪرشن وري اَچي رهيو آهي!

”سري ڪرشن وري جلد ئي اَچي رهيو آهي“! اوهو! ڪهڙي نه سُهاوني خوشخبري سري ڪرشن جي من مگن پوڄارين لاءِ! هان، ضرور سري ڪرشن جي جلدي اَچڻ جو وقت ڏسڻ ۾ اَچي پيو. ضرورت به اَهڙي مهان پوڄيه ويڪتي جي اَچڻ جي آهي. وقت جي پُڪار به ڀارت ۾ خاص اِهائي آهي ته ڪنهن ايشوري شڪتي کي هن وقت ضرور اَچڻ کپي. دنيا جي حالت ڇا لڳي پيئي آهي؟ اَڄڪلهه توهين ڏسو وينا ۽ اَخبارن ۾ به پڙهو پيا ته ڪٿي ڏڪر پيو پوي ته ڪٿي ٻوڏ لڳي پيئي آهي، ڪٿي لڙائي جهڳڙو لڳو پيو آهي، ڪٿي ڌرتي ڌُڏڻ جا زبردست حادثا پيا ٿين. وڏيون وڏيون طاقتون اَئٽم ۽ هئڊروجن بم ٺاهي سڄي دنيا جو خاتمو ڪرڻ لاءِ ڪشمڪش ڪري رهيون آهن. سڄي دنيا ۾ ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه، اَهنڪار، رشوتخوري، ڀرشٽاچار ئي لڳو پيو آهي. توهان مهاڀاري مهاڀارت لڙائي جو به بيان شاسترن ۾ پڙهيو هوندو. هن وقت اُهيئي اُهڃاڻ ڏسڻ ۾ پيا اَچن. اَهڙي سرشٽي مان ته لڳ ڀڳ سڀيئي ماڻهو تنگ آهن.

هاڻي اَهڙي وڏي ڪاريه لاءِ ڪير نمت بڻجڻ کپي؟ سري ڪرشن! پر سوال آهي ته 16 ڪلا سمپورڻ ستيگي پوِتر دنيا تي راڄ ڪرڻ وارو سري ڪرشن اَهڙي گندي، ڀرشٽاچاري دنيا ۾ پير به ڪيئن رکندو! اِنهي ڪري سري ڪرشن پنهنجو روپ بدلي ڪري ساڌارڻ روپ سان ڀهريائين هن پُراڻي سرشٽي جو خاتمو ڪرائيندو ۽ اُنهيءَ ڪانپوءِ نئين دنيا(وئڪنٺ) ۾ نئون جنم وٺي اَچي راڄ ڪندو. سهڻو به اِهو طريقو ٿو لڳي.


سامهون چتر ۾ سري ڪرشن جي من موهيندڙ، بنسري وڄائيندڙ، سهڻي سوڀياوان صورت ڏسو ٿا ته هو سڄي سرشٽي تي سک ۽ شانتي جو راڄ ڪرڻ لاءِ تيار وينو آهي. ته هاڻي جيڪي چاهين ٿا ته اَسين سري ڪرشن جي پوِتر ۽ نروڪاري، سدا سکي ۽ شانتي سمپن راڄائي ۾ هلي هن سان گڏ کيل پال ڪريون، راڄائي ۾ حصو وٺون، اُنهن کي گهٽ ۾ گهٽ اِهو ته خيال ڪرڻ کپي ته سري ڪرشن سان گڏ اُنهي جهڙيون پوِتر، ستوگڻي، نروڪاري آتمائون ئي کيل پال ڪري سگهن ٿيون ۽ هُنجي راڄڌاني جي ڪاروبار هڪدم سچائي، صفائي، پوِترتا سان ئي سنڀالي سگهن ٿيون. اِنهي ڪري سري ڪرشن جي هن دنيا ۾ پڌارجڻ کان اَڳ۾ هر هڪ جو فرض آهي ته هو اَهڙو پرشارٿ ڪري جو اَهڙن سيني گڻن ۽ شڪتين سان ڀرپور بڻجي. نه ته هن سان ڪيئن گڏجي سگهندو ۽ هنجي پوِتر راڄائي ۾ ڪيئن حصو وٺي سگهندو!

اِنهي ڪري توهان کي دل گهري نيند ڏني ٿي وڃي ته ٿورو وقت بچائي اَسانجي ڪنهن به شيوا ڪيندر تي وڃي هن ايشوري گيان ۽ راڄ يوگ جو اَڀياس ڪري پنهنجي جيون کي پوِتر ۽ شانتي ميه بڻائي نئين، سري ڪرشن جي دنيا ۾ هلڻ جي يوگيه بڻجو.

ٿوريئي وقت ۾ سري کرشن وري اَچي رهيو آهي!



سروَ شاستر شرومڻي شريمد ڀڳوت گيتا جو گيان داتا ڪير آهي؟



# سروَ شاستر شرومڻي ٻشريمد ڀڳوت گيتا جو گيان داتا ڪير آهي؟

کهڙي نہ عجب جي ڳالھ آهي جو اَڄ منشن کي اِها بہ خبر ڪونهي تہ پرم پتا پرماتما شِو(جنهن کي گيان جو ساگر ۽ ”ڪلياڻڪاري“ مڃيو ٿو وڃي) منش ماتر جي ڪلياڻ لاءِ جيڪو گيان ڏنو، اُنهي جو شاستر ڪهڙو آهي؟ ڀارت ۾ تہ اِها مانيتا آهي تہ گيتا جو گيان خود ڀڳوان جي دواران ئي ڏنو ويو آهي. تڏهن بہ اَڄ ڪلھ سڀ اِهو ئي مڃي ويٺا آهن تہ گيتا جو گيان سري ڪرشن دواپر يُگ جي اَنت ۾ ڪُرڪيتر جي مئدان ۾ اَرجن کي سندس رٿ تي ويهي ڏنو. پر سامهون چتر ۾ اِهو اَنوکو رهسيہ ڏيکاريل آهي تہ سچ پچ گيتا جو گيان نراڪار پرم پتا پرماتما شِو ئي ڏنو آهي. اُنهي گيان جي آڌار تي پُراڻي، تموگڻي، راڪشسن جي دنيا جو اَنت ٿيو ۽ نئين ستوگڻي، دئوي، پوِتر دنيا جي شروعات ٿي. سانوري يا ڪاري دنيا بدلجي سهڻي سندر سونهري دنيا بڻجي پيئي. اُنهي نئين دنيا ۾ اَسان جو من موهيندڙ مرلي منوهر شام سندر (شام مان سندر بڻجڻ وارو) 16 ڪلا سمپورڻ سري ڪرشن پهريائين پهريائين آيو. گيتا گيان جو پهريون پهريون وڏي ۾ وڏو فائدو اِهو ٿيو جو اَسان جو پيارو سري ڪرشن هن سرشٽي تي پڌاريو. هن پنهنجي سؤڀاڳيشالي ماتا پتا جي سُندر پالنا ورتي. سري راڌي ۽ سري ڪرشن نئين ستيگي پوِتر سرشٽي روپي وڻ جا پهريان ڪومل آڪرشڻ ڪندڙ پَتا چتر ۾ ڏيکاريل آهن جن ۾ ديوتائي گڻن جو ٻج وجهڻ وارو اُهو ئي پرم پتا پرماتما شِو هو. سري ڪرشن ۽ سري راڌي راڄ وديا بہ پراپت ڪندا ڏيکاريا ويا آهن. شِو پرماتما تہ آهيئي سدا شِو، سَدا گيان جو ساگر جو ڪڏهن بہ ماتا جي گرڀ مان جنم نٿو وٺي.

شِو پرماتما جو نہ ڪو ماتا پتا آهي، نہ سِکيڪ، نہ گُرو. شِو پرماتما تہ آهيئي سدا سڄي جڳت جي گُرن جو بہ ستگُرو، جو قاعدي موجب اَچي پَرڪايا (ٻئي ساڌارڻ منشَ جي تن ۾) پرويش ڪري سڄي دنيا جي گتي ۽ سدگتي ڪري ٿو. اَهڙي اوچي ڪاريہ ڪرڻ لاءِ يعني سيني پاپ آتمائن جي سِر تي چڙهيل پاپن جو بوجو لاهي، گيان ۽ يوگ دواران سيني جو اُڌار ڪري ۽ سرشٽي تي هِڪڙوئي ست ڌرم ۽ ديوتائن جي راڄائي اِستاپن ڪرڻ لاءِ پنهنجي واعدي موجب ڪلهيگ جي اَنت(نہ ڪِ دواپر جي اَنت) ۽ ستيگ جي شروعات(نہ ڪِ ڪلهيگ جي شروعات) جي وچير ئي اَچي ٿو. سوچڻ کپي تہ جي دواپر ۾ پرماتما اَچي تہ اُنهي ڪانپوءِ تہ ڪلهيگ جي اَچڻ جو وارو آهي. تہ ڇا، پرماتما جي اَچڻ ڪانپوءِ ڪلهيگ اِستاپن ٿيندو ڇا؟ اِهو ڪهڙو قاعدو آهي! ڇا، سري ڪرشن ڪلهيگ ۾ اَچڻ جي لائق آهي ڇا! هن جو تہ پير بہ ڪلهيگ ۾ نٿو پئي سگهي. ذرا سوچو تہ سهين. وويڪ کي جاڳائڻ کپي ۽ سوچڻ کپي تہ سچ ڇا آهي.

# ڀڳوان هِنسڪ لڙائي لاءِ گيتا گيان ڪونہ ڏنو هو

”اَهنسا پرمودرم“ : پرم پتا پرماتما جا گيتا ۾ اِهي مهاواڪيہ مشهور آهن. پر ماڻهو سمجهي ويٺا آهن تہ ڀڳوان گيتا ۾ هِنسڪ لڙائي جي لاءِ پانڊون کي همٿ ڏياري! دنياداري ۾ بہ ڌارمڪ، سمجهدار ۽ دوُرانديش ماڻهو ڪڏهن ڪنهن کي لڙائيءَ لاءِ اُتساهہ ڪونہ ڏياريندا آهن. ڀيءُ بہ ڪڏهن پنهنجن ٻارن کي پاڻ ۾ ڪنهن بہ ڳالهہ تان لڙائي جهڙي خوفناڪ ڪرم لاءِ ڪونہ ڇيڙيندو آهي. پرماتما جو گيان ۽ راج يوگ تہ سڄي دنيا ۾ شانتي ۽ سک اِسٿاپن ڪرڻ لاءِ مشهور آهي، نہ ڪِ گهمسان مچائڻ لاءِ! هي تمام پيچيدو معاملو آهي جو چڱي طرح سمجهڻ ضروري آهي.

پرم پتا پرماتما شِو خود گيتا ۾ ڪافي زور ڏيئي وڪارن کي جيتڻ لاءِ سمجهايو آهي تہ ڪام، ڪروڌ وغيره سڀ وڪار ئي توهان جا وڏي ۾ وڏا دشمن آهن. اِنهن دشمنن سان گيان ۽ يوگ جي تِکن تيرن جي اَندروني شڪتي سان مانسڪ لڙائي ڪري اُنهن تي جيت پراپت ڪريو. پڇاڙيءَ تاءِ بہ ڀڳوان پانڊون کان پڇيو آهي تہ هاڻي هن گيان ۽ راج يوگ سکڻ سان توهان جو موهہ نشٽ ٿيو ۽ توهانکي يادگيري آئي؟ ڪهڙي يادگيري؟ تہ توهين سڀ آتمائون آهيو، نہ ڪِ سرير؟ توهانکي هن گيان ۽ يوگ جي آڌار تي پرم پد بہ پراپت ٿيندو ۽ ستيگ جي سدا سکي ۽ شانتي مير، ڌن ڌانيہ سمپن راجائي بہ پراپت ٿيندي. اِنهي ڪري منهنجي ساٿ هئڻ سان توهانجي سيني وڪارن تي جيت ٿيندي ۽ پاپ آتمائون پنهنجن ڪُڪرمن جي ڪري هڪ ٻئي ۾ لڙي پنهنجو وناش پاڻهي ڪندا.

هيءَ آهي ئي اَهنسڪ لڙائي جيڪا ڀڳوان سيکاري آهي جنهن ۾ نہ ڪو اَسانجو دشمن يا دوست آهي، نہ هن لڙائي ۾ ڪو هٿيارن يا بامبس جي ضرورت آهي. باقي خونريزي ۽ ماراماري ڪرڻ تہ اَهڙن منشن جو ڪم آهي جيڪي حيوانن کان بہ بدتر آهن.


هاڻي اَهڙو گيتا جو يُگ هينئر وري ڀارت ۾ هلي رهيو آهي. خود پرم پتا پرماتما شِو پرجاپتا برهما جي ساڌارڻ تن دواران هن ڪرم کيتر(نہ ڪِ ڪُرو کيتر جي ميدان) تي اَسان ٻالڪن کي ايشوري گيان ۽ راج يوگ جي مدد سان اَشانتي ۽ دک ڦهلائڻ وارن وڪارن تي جيت پائڻ سيکاري رهيو آهي (سامهون مٿيون چتر ڏسو). اُنهي جي هينان ماڻهن جو ناهيل چتر ڏيکاريل آهي جنهن ۾ رَٿ جي معنيٰ سرير نہ سمجهي گهوڙي گاڏي ڏيکاريل آهي ۽ وڪارن کي گهوڙا ٻڌائي اُنهن تي ظابطو(لغام) رکڻ جو هُنر سيکارڻ واري پرماتما شِو جي جڳهہ تي ستيگ جو مورمُڪٽ ڌاري، ڪومل هرديہ، مٺي مٺي بنسري وڄائڻ واري، سيني جي دلين کي ڪينچڻ واري سري ڪرشن کي وهاريو ويو آهي جو هڪ ساڌارڻ گهوڙي گاڏي هلائڻ جو ڪم ويٺو ڪري! هن کان وڏيڪ ٻي ڪهڙي ڌرم گلاني ٿيندي!

اِنهي ڪري توهانکي وري بہ راءِ آهي تہ هيڙين ڳجهين ۽ رمٽيڪ ڳالهين کي چڱي طرح سمجهڻ جي اَچي ڪوشش ڪريو.

# ڀڳوان هِنسڪ لڙائي لاءِ گيتا گيان ڪونہ ڏنو هو



# كمل جي گُل جهڙي جيون كيئن بڻجي؟



# ڪمل جي گُل جھڙي جيون ڪيئن بڻجي؟


ڪمل جي گُل جي ساراهه ڪنهن کان ڳُجهي ڪونهي. ڪھڙو نه سھڻو، تڙيل، نِرليپ گُل آهي. پاڻيءَ ۾ رهندي به پاڻي کان نيارو ـ بلڪ جنھن گپ ۽ ڪيچڙ مان پيدا ٿئي ٿو ۽ جن مٽن مائٽن جھڙوڪ پبڻي، بيھ وغيره سان ڳنڍيل آهي اُنهن سان لاڳاپو رکندي به اُنهن کان اَلڳ ۽ اوچ ـ ڪھڙي نه هن گُل جي اِها خوُبي اَسين پنهنجي جيون ۾ ڌارڻ ڪري سگھون ٿا! منش جي جيون به جيڪڏهن دنيا ۾ رهندي دنيا جي سمسيائن، دک ۽ اَشانتي کان ڇُٽل رهي ته ڪھڙو نه لُطف اَچي وڃي. دنيا ئي سورڳ بڻجي پوي. ته ڇا، اَسين اَهڙو سورڳ نٿا بڻائي سگھون!

برهما ڪمار ۽ برهما ڪماريون پنهنجو فرض سمجھي سيني اِسترين پُرشن، ٻارن ٻچن، ننڍن وڏن جي جيون ڪمل ڦول سمان بڻائڻ جي آڌياتمڪ شيوا ۾ سدائين رُڌل آهن. سامھون هڪ چتر ۾ ڏيکاريل آهي ته هڪ گھر ۾ ماءُ پيءُ پاڻ ۾ پيا وڙهن، ٻار ماءُ کي رنڌڻي ۾ تنگ ڪري رهيو آهي ته ماءُ به ڪاوڙ ۾ هن ڏانهن ويلڻ ٿي اُلاري، پيءُ شراب پيئڻ ۾ ئي مشغول آهي. هِڪڙو برهماڪمار ڀُنن کي نيئي ٿو ڏئي ۽ هو(2-3 چتر ۾) برهما ڪماري سينٽر تي اَچي ايشوري گيان ۽ يوگ جو اَڀياس ڪن ٿا. (4-5 چتر ۾) آفيس ۾ ۽ گھر ۾ سيئي پرم پتا پرماتما جي ياد ۾ رهي ڪم ڪار ڪن ٿا ته(6 چتر ۾) گھر جا سڀ ڀاتي هڪ ٻئي سان ساز سلوڪت ۾ ڪمل پشپ سمان جيون جو مزو ماڻين ٿا. گھر جو وايومنڊل ئي نرڪ مان سورڳ جھڙو بڻجي ٿو وڃي.


اَهڙي طرح ڪھڙي به مذهب، ڌنڌي، ذات پات، ديش، سوسائٽي وغيره جا منش هن گيان ۽ راج يوگ جي اَڀياس سان هڪ ٻئي ۾ اَهڙا کير کنڊ ٿي هلي سگھن ٿا جو هنن کي آپسي نفاق ۽ نفرت، لڙائي جھڳڙو وغيره سڀ وسري وڃي. پر ڪي ماڻھو چون ٿا ته گھر گرهست ۾ هن ريت رهڻ ناممڪن آهي. هو توري سک ۽ شانتي لاءِ به در در پيا ڀٽڪن، تيرٿ ياترا، جپ تپ، دان پُن، گنگا اِشنان پيا ڪن، وري به سک ۽ شانتي ملين ڪونه ٿي.

هاڻي هتي پرم پتا پرماتما جي ڄاڻ ڏيئي اُنهي سان پتا جو سنٻنڌ جوڙڻ لاءِ راج يوگ سيکاريو ٿو وڃي ته منش کي اُها محسوستا اَچي ٿي وڃي ته مان سک جي ساگر، شانتي جي ساگر جو ٻالڪ آهيان ته مان اَشانتي ۽ دک ڪيئن ٿو ڦهلائي سگھان. "جھڙو پيءُ تھڙو ٻالڪ" اِها يادگيري اَچڻ سان ئي آتما جاڳرت ٿي وڃي ٿي ۽ پرماتما پتا سان سنٻنڌ جُڙي وڃڻ سان پرماتما جا گڻ منش آتما ۾ ڀرجن ٿا، جيئن ڊاڪٽر ڪنهن شيشي ۾ سُئي ڳنڍيي اُنهي جي دوا پنهنجي سرنج ۾ ڀري ڇڏيندو آهي، اَهڙي طرح سدا جي لاءِ اِنسان دک ۽ اَشانتي کان ڇُٽڪارو پائي سگھي ٿي ڪمل جي گُل وانگر پنهنجو جيون بڻائي ٿو ڇڏي.

# راج يوگ جو آڌار ۽ طريقو



# راج يوگ جا نيم يا ٿنڀا



# راج يوگ جا نيم يا ٽنيا

راج يوگ جو مطلب آهي پرماتما شِو سان آتما جو ناتو جوڙڻ جنهنجي ذريعي آتما کي شانتي، آنند، پريم، پوِترتا، شڪتي ۽ دئوي گڻن جو ورثو حاصل ٿئي ٿو. راج يوگ جي اَڀياس ڪرڻ لاءِ جيڪي مکيه نيم ۽ دئوي مريادائون پالن ڪرڻ ضروري آهن اُهي سامهون چتر ۾ ڏيکاريون ويئون آهن :-

(1) **برهمچريه جي پالنا يعني پوِترتا -** برهمچريه جي اَصل معنيٰ آهي من برهم ۾ اِسٿت ڪرڻ، شرير جي ڀاو ۾ رهڻ جي بدلي اَشريري اَوستا (آتمڪ اِسٿتي) ۾ رهڻ، سڀني منشن کي آتما جي سوروپ ۾ يعني ڀاءُ - ڀاءُ جي درشٽي سان ڏسڻ ۽ آتمڪ پريم ۽ سنبنڌ جو ئي آنند وٺڻ. راج يوگي کي ٻاهريون ڏيک ويک، وشئه وڪار يا ڀوڳ ولاس ڪونه ڪينچيندو آهي بلڪ هو آتما جي خوبصورتي يعني پوِترتا ۽ شُڌ گڻن جي سُڳنڌ کي پسند ڪندو آهي جنهن مان هن کي من جي ايڪاگرتا، نربيتا، نرڻيه شڪتي ۽ سڦلتا به حاصل ٿيندي آهي.

(2) **ستوگڻي شُڌ اَن -** چوندا ئي آهن ته ”جهڙو اَن تهڙو من“. راج يوگي ماس مدرا، تامسي ڀوڄن يا سگريٽ ٻيڙي وغيره ڪونه ورتائيندو آهي بلڪ شُڌ ساتوڪ ڀوڄن جو ڀوڳ ڀڳوان کي سُويڪار ڪرائي پوءِ پرساد جي روپ ۾ خود کائيندو آهي ته اُنهي مان هن کي من جي شانتي ۽ پوِترتا جو مزو ايندو آهي ۽ ايشوري شيوا ڪرڻ ۾ به خوشي رهندي آهي جنهن ۾ ٻين جو به ڪلياڻ ٿيندو آهي.

(3) **ستسنگ -** هنجو مطلب آهي سدا سچي پتا پرماتما سان سنگ يعني ٻُڌيءَ جو يوگ رکڻ. راج يوگي ڪُسنگ ۾ يا فاحش ناولن پڙهڻ ۾ يا فلمن ڏسڻ ۾ يا خراب وڪاري خيالاتن ۾ پنهنجو وقت برباد ڪونه ڪندو آهي. هنجو سنگ اَگياني، ڪوڙن، ديهه اَڀماني، وڪاري منشن سان ڇُٽي ويندو آهي ۽ هو پنهنجي ايشوري پڙهائي ۾ ڌيان ڏيئي اوچ ديوتا پد پراپت ڪرڻ جي پرشارٿ ۾ تتپر رهندو آهي.

(4) **دئوي گڻن جي ڌارڻا -** راج يوگ جي اَڀياس سان منش جا ڪلهيگي وڪاري اَوگڻ دور ٿي ويندا آهن ۽ سُٺن دئوي گڻن جي سهج ريت ڌارڻا ٿي ويندي آهي. هن ۾ نمرتا، پريم، سنتوش، اَنترمکتا، سهن شيلتا، هرشت مکتا، نربيتا وغيره دئوي گڻ اَچڻ سان هنجي جيون اَهڙو پلٽو کائي ويندي آهي جو هن جا دوست ۽ سنبنڌي ڏسي عجب کائيندا آهن ته هو ڪله ڇا هو ۽ اَڄ ڇا ٿي پيو آهي! هو ٻين کي به اُنهن گڻن جو دان ڏيڻ جي شيوا ڪرڻ کانسواءِ رهي ڪونه سگهندو آهي.

اِهي آهن راج يوگي جيون جا مکيه ٽنيا اَٺوا نيم جن کي پالن ڪرڻ سان ڪوبه منش پنهنجي سچي يوگي جيون ٺاهي سگهي ٿو ۽ روڳ، شوڪ، دک ۽ اَشانتي روپي ڀُوتن جي ٻنڌن کان سدا جي لاءِ آزاد ٿي سگهي ٿو.

# راڄ يوڳ سان اَٺن شڪتين جي پراپتي

راڄ يوڳ جي اَڀياس ڪرڻ سان يعني آتما جو ناتو پرم پتا پرماتما سان جوڙڻ سان اَوناشي سک ۽ شانتي جي پراپتي ته ٿئي ٿي پر ڳڏو ڳڏ ڪيترين ئي آڌياتمڪ شڪتين به حاصل ٿي وڃن ٿيون. سامهون چتر ۾ اُهي سڀ شڪتيون ڏيکاريل آهن ۽ هڪ هڪ شڪتيءَ جي خُوبي به سمجهائي ويئي آهي. مثلا :-

(1) ڪڇئون ۾ اَهڙي خُوبي آهي جو هو پنهنجو سڄو ڪم ڪار پورو ڪري پنهنجا سڀ نرم عضوا پنهنجي سخت ٻُنيءَ جي هيٺان سميٽي وٺندو آهي ته هنجو سڄو بدن سلامت رهندو آهي ۽ اُنهي کي ڪوبه نقصان ڪونه پهچائي سگهندو آهي. راڄ يوڳي ته سڀ ڪم ڪار ڪندي به پنهنجو من سروَ شڪتيوان پتا جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي ته هن تي ڪڏهن به ڪوُ وڪار (يعني مايا) حملو ڪري ڪونه سگهندو آهي. هو جڏهن چاهي تڏهن ڪرم اِندرين سان ڪرم ڪري وري ديهه کان نيارو ٿي شانت اَوستا ۾ رهي سگهي ٿو.

(2) راڄ يوڳي گرهست وهنوار ۾ به پنهنجي سرير ۽ سيني سريرڪ سنبنڌين ۽ ڪاريه وهنوار کان اَهڙو اُپرام رهندو آهي جڻ ته هنجو بِسترو پيٽي سدا هن مسافرخاني روپي دنيا کان پري وڃڻ لاءِ ٻڌو ئي رکيو آهي.

(3) راڄ يوڳي سهن شڪتي جي ڪري ڪنهن سان به بُرائي جي بدلي ۾ بُرائي ڪونه ڪندو آهي بلڪ هنجو شُڀ چنتڪ ٻڻجي هنڪي معاف ڪري هنجي ڀلائي ڪندو آهي جيئن سامهون چتر ۾ ڏيکاريل آهي ته هڪڙو ٻالڪ وڻ کي پٿر ٿو هڻي، پر وڻ مان هنکي منو ڦل ملي ٿو. وڻ وري ٻالڪ کي پنهنجي ٿڌي ڇانو به ڏئي ٿو.

(4) راڄ يوڳيءَ ۾ ساگر جهڙي سمائڻ جي شڪتي هوندي آهي. اونهي ساگر وانگر گنڀير به هوندو آهي ته ساگر جي ڇولن وانگر ايشوري خوشيءَ ۾ به نچندو رهندو آهي.

(5) راڄ يوڳيءَ ۾ پرکڻ جي شڪتي هوندي آهي. هو ايشوري گيان جي مريادائن موجب سچ ۽ ڪوڙ، ڀلائي ۽ بُرائي، نقصان ۽ فائدي وغيره جي پوري پرک ڪري پوءِ ڪرم ڪندو آهي.


(6) راڄ يوڳيءَ کي نرڻيه شڪتي جي آڌار تي فيصلو ڪرڻ ۾ دير ڪونه لڳندي آهي. جيڪو به واجبي ۽ گيان جي قاعدي موجب ڪرم هوندو اُهو ڪرڻ ۾ ڪونه هٽڪندو.

(7) راڄ يوڳي دنيا جي هيٺائين مٿائين، نقصان فائدي، جنم مرڻ کي گهبراهٽ کانسواءِ ساکي اَوستا ۾ منهن ڏيئي سگهي ٿو ڇو ته هن جي آتما جي جوت سدا جاڳندي رهي ٿي ۽ هو دنيا کي هڪڙو ناٽڪ سمجهي ٿو.

(8) راڄ يوڳي هر ايشوري ڪاريه ۾ سهيوڳي رهندو آهي ۽ پنهنجو تن، من، ڌن ايشوري سيوا ۾ لڳائيندو آهي. اَهڙن راڄ يوڳين جي مدد روپي آڱر جي آڌار سان ئي ته هيڏو وڏو ڪلهيڳ جو پهاڙ هٽي ٿو ۽ نئين دنيا جي اِستاپنا جي جئہ جئڪار جا نعرا وڃن ٿا.

# راج يوگ سان اَٺن شڪتين جي پراپتي

## राजयोग द्वारा अष्ट शक्तियों की प्राप्ति
## Attainment of Powers through Rajyoga



راڄ يوگ جي ياترا - سرڳ ڏانهن ٻوڙ



# راڄ يوگ جي ياترا - سرڳ ڏانهن ٻوڙ

ايشوري گيان جي ٻولي ۾ راڄ يوگ کي "ياترا" چيو ويو آهي. دنيا ۾ اَمرناٿ، بدري ناٿ وغيره جون تيرٿ ياترائون گهٽيئي ڪري آيا هوندا پر اُهي وري ڀي اَچي دک ۽ اَشانتي ۾ ڦاسن ٿا. پر سامهون چتر ۾ ڏيکاريل آهي ته دک ۽ اَشانتي جي دنيا مان سک ۽ شانتي واري دنيا (ستيگ) ۾ وڃڻ جي ياترا جو رستو ڪيئن راڄ يوگ جي شڪتي سان پار ڪري سگهجي ٿو، جنهن ڪانپوءِ واپس دک ۽ اَشانتي جي دنيا جو ديدار به ڪونه ٿو ٿئي. پر اُنهي رستي تي مکيه وگهن ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موه ۽ اَهنڪار اِنهن پنجن وڪارن جا اَچن ٿا.


ڪام وڪار ۾ ڦاسڻ سان منش جڻ ته وڏن ڪوڪن لڳل پٽ جي مٿان ٽپو ڏيئي پار نه پوڻ جي ڪري پاڻ کي رتو ڇاڻ ڪري ٿو ڇڏي. وڪاري درشٽي، وِرتي ۽ ڪرم ئي منش کي هيءَ ديوار پار ڪرڻ نٿا ڏين. راڄ يوگ جي شڪتي سان پوِتر درشٽي رکي، اُنهن وڪارن کي جيتڻ تمام ضروري آهي.

ڪروڌ ته هڪڙي تيز باه آهي جا منش جي ٻُڌي نشٽ ڪري ٿي ڇڏي. ڪروڌي نه ڏسندو پنهنجو نه پَرائو، نه سچ نه ڪوڙ بس نفرت، ٻيائي ۽ وڏائي جي وس ٿي پنهنجو ۽ ٻين جو اَندر جلائيندو. سيني جو ڪاٺو پيتو، تنب آرام ئي حرام ڪري ڇڏيندو. چوندا آهن ڪروڌ گهر جا مٽڪا به سُڪائي ڇڏيندو آهي. راڄ يوگ جي اَڀياس سان من ۽ ٻُڌي سيتل ٿي ٿا وڃن ۽ منش "سُوَ ڌرم" ۾ يعني "مان آتما شانت سوروپ آهيان" اُنهي اَوستا ۾ رهي سگهي ٿو.

لوڀي منش ته جهڙو ڪنگال. پَرائو مال ڏسي هنجي ٻُڌي مارجي ٿي وڃي. ٻين جي ڌن، پدارٿ، جواهرات وغيره تي للچائمان ٿي چور، ڌاڪو، پاڪيٽ مار، خوني، جهڳڙالو ٿي ٿو پوي. راڄ يوگ جي اَڀياس سان درشٽي، ورتي بدلجي ٿي. منش محسوس ٿو ڪري ته سڀ منهنجا پائر ڀينر آهن. مان ڪنهنجو خون چوسيان!

موه ۾ لٽڪيل منش اَهڙو هوندو آهي جهڙي جوُر. ٻار چمندس ته چوندو ٻڳوان ڏنو پر هو مرندو ته ٻڳوان کي گاريون ڏيندو. ديه جي سيني سنٻنڌين سان موه جي ڄار ۾ ڦاسڻ جي بدران منش جيڪڏهن پنهنجي سچي پريتم پرماتما سان پنهنجي پريم جي رڳ جوڙي دنيا ۾ به پنهنجو ڪرتويه نِڀائيندو رهي ته سيني ٻنڌنن ۽ دکن کان آزاد رهي سگهي ٿو.

سچ پچ ته اَهنڪار ئي سيني وڪارن جي جڙ آهي. منش کي پنهنجي ديه، پوزيشن، مان شان، اَصل نسُل، ڌن پدارٿ وغيره جو اَهڙو اَهنڪار چڙهي ويندو آهي جو هو جڻ ته هوا ۾ اُڏامڻ لڳندو آهي ۽ سندس پيرن هيٺان جڻ ته زمين ئي غائب! اَهڙو اُلٽو ڪرندو آهي جهڙوڪ پهاڙ جي چوٽيءَ تان ڪو ڪري ته چڪناچُور ٿي پوندو آهي. پر راڄ يوگ جي اَڀياس سان منش ۾ نِمرتا پاڻ، شناخت، ديانتداري اَچي ٿي ۽ هو سيني وڪارن کي جيتي ديوتائي پد پائي سرڳ ۾ وڃي سگهي ٿو.





برهماڪمارين جو ٽپسيا ڌام
شانتي وَن، ٽليٽي، آبُو روڊ

Om Shanti Press

Abu Road.